
آزمائشي اشاعت

# سنڌي پيو ڪِتابُ

## (ٻئي ڪلاس لاءِ)



سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو تيار ڪرايل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر NO: SO (G-III) SELD/3-910/18, Dated: 30.01.2020 موجب سنڌ صوبي جي سيني پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ٿيل.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو ڇڪاسيل.

## قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد  ڪِشورِ حَسِين شاد باد
تو نشانِ عزمِ عالي شان  اَرضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد

پاڪ سرزمين ڪا نظام  قوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سلطنت  پائنده تابِنده باد
شاد باد منزلِ مُراد

پرچمِ ستاره و هلال  رهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال  جانِ اِستقبال
سايهءِ خدائي ذوالجلال

سلسليوار نمبر

| ڇپجڻ جو مهينو ۽ سال | ڇاپو | تعداد | قيمت |
|---|---|---|---|
| | | | مفت |

مفت ورهاست لاءِ

آزمائشي اشاعت

# سِنڌي ٻيو ڪِتاب

## ٻِئي ڪلاس لاءِ

شهيد بينظير ڀٽو
SHAHEED BENAZIR BHUTTO
FREE TEXTBOOK SERIES
مفت نصابي ڪتابن جي ورهاست جو سلسلو



سِنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ:

مفت ورهاست لاءِ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو تيار ڪرايل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر NO: SO (G-III) SELD/3-910/18, Dated: 30.01.2020 موجب سنڌ صوبي جي سڀني پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو چڪاسيل.

نگران اعليٰ: **پرويز احمد بلوچ**
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران: **اويس ڀٽو**
**جمشيد احمد جوڻيجو**

ليکڪ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- سيد امداد حسيني- غلام رسول چنا
فيض محمد شاهاڻي- فهميده چنا - اياز احمد ڀٽو- امام بخش ٻرڙو
مهرالنساء لاڙڪ - سيد نزاڪت علي شاهه- علي ڏنو جروار
تاج محمد شيخ - اويس ڀٽو

صوبائي جائزه ڪاميٽي:

ڊاڪٽر غلام علي الانا- ڊاڪٽر محمد علي مانجهي - ڊاڪٽر الطاف جوکيو
عزيز الله پنهور- دلشاد احمد ڏيتو- تحسين ڪوثر انصاري - ناهيد شاهه،
اويس ڀٽو- محمد ادريس جتوئي

السٽريشن ۽ لي آئوٽ: ساجده يوسف

ڪمپوزنگ ۽ پيج ميڪنگ: نورمحمد سميجو- واحد بخش سولنگي

هي ڪتاب ............................................ پريس ................. ۾ ڇپيو.

# فهرست


| سبق | عنوان | صفحو نمبر |
| --- | --- | --- |
| ١ | سائينءَ جي ساراهه ............... (حمد) | ٥ |
| ٢ | حضرت مُحَمّد رسول الله خَاتَمالنَّبِيّين صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم | ٧ |
| ٣ | نماز | ٩ |
| ٤ | مديني جا سائين .................. (نعت) | ١١ |
| ٥ | سِڄُ | ١٣ |
| ٦ | باغيچو | ١٥ |
| ٧ | ڏنڌا ۽ هُنر | ١٩ |
| ٨ | گُلاب جو گُل ...................... (بيت) | ٢٣ |
| ٩ | آزاديءَ جو ڏينهن | ٢٦ |
| ١٠ | برسات | ٢٩ |
| ١١ | ٻايون چئن مُندن جو راڳ... (بيت) | ٣٣ |
| ١٢ | حضرت علي كرمالله وجههٔ | ٣٧ |
| ١٣ | صحت ۽ صفائي | ٣٩ |
| ١٤ | عيدالفطر | ٤٣ |
| ١٥ | منهنجي امڙ ...................... (بيت) | ٤٦ |
| ١٦ | قائداعظم محمد علي جناحؒ | ٥٠ |
| ١٧ | شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ | ٥٣ |
| ١٨ | لاٽونئڙو ڦيرايون ............... (بيت) | ٥٦ |
| ١٩ | بينظير ڀٽو شهيد | ٦٠ |
| ٢٠ | ريل گاڏي | ٦٣ |
| ٢١ | ڪينجهر ڍنڍ جو سير | ٦٦ |
| ٢٢ | پيارو پيارو پاڪستان ..(بيت) | ٧١ |
| ٢٣ | سياڻي ڇوڪري | ٧٣ |
| ٢٤ | رانديون (تصويري ڪهاڻي) | ٧٥ |
| ٢٥ | ڀڄ پرولي | ٧٨ |
| ٢٦ | گدڙ ۽ ٻَگهه پکي (آکاڻي) | ٨٠ |
| ٢٧ | جانورن جو باغ | ٨٢ |
| ٢٨ | لالچي ڪُتو (تصويري ڪهاڻي) | ٨٥ |
| ٢٩ | ياد ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون | ٨٨ |
| ٣٠ | دُعا .............................. (بيت) | ٩٠ |
| ٣١ | نوان لفظ | ٩١ |

# پ اکر

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ هڪ اهڙو تعليمي ادارو آهي، جنهن جو ڪم درسي ڪتابن جي تياري ۽ اشاعت ڪرڻ آهي. اُن جو اهم مقصد اهڙن درسي ڪتابن جي تياري ۽ فراهمي آهي، جيڪي نئين نسل ڪي علم ۽ شعور ڏيڻ سان گڏوگڏ منجهن اهڙي صلاحيت پيدا ڪن، جن جي ذريعي اهي اسلام جي آفاقي نظرين، ڀائپيءَ، بزرگن جي ڪارنامن، پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ روايت جي حفاظت ڪندي، نئين دور جي سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تقاضائن ڪي پورو ڪري ڪامياب زندگي گذاري سگهن.

هن اعليٰ مقصد ڪي پورو ڪرڻ خاطر اهل علم، ماهرن، استاد صاحبن ۽ مخلص دوستن جي هڪ ٽيم ڪنڊ ڪڙڇ کان حاصل ٿيندڙ معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪتابن جي درستيءَ جي معيار، جائزي ۽ انهن جي سُڌاري جي عمل ۾ اسان سان گڏ لڳاتار مصروف آهي.

اسان جا ماهر ۽ اشاعتي عملو اُن صورت ۾ ئي ڀرپور مقصدن ۾ ڪامياب ٿيندو، جڏهن انهن ڪتابن مان استاد صاحب، شاگرد ۽ شاگرديائيون پورو پورو لاڀ پرائين. ان لاءِ سندن تجويزون ۽ رايا انهن ڪتابن کي بهتر بنائڻ ۾ ڪارآمد ٿيندا.

چيئرمين
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ



## سکيا جي حاصلات

- نظم، سُر ۽ لَئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ٻڌائي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن ڪي ادا ڪري سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيک پدن وارن لفظن کي ، جوڙي ۽ ٽوڙي بيان ڪري سگهي.
- سادا نظم پڙهي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ليکک/ شاعر ۽ مصور جو نالو ٻڌائي سگهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## سَبَقُ پهريون

# سائينءَ جي ساراهہ 'حَمدُ'

ڏَڻِيءَ جا اَسِين گِيتَ ڳايُون سَدا،
اِڳيان تَنهِن جي سِرُ پڻ نمايُون سَدا.

اُپايو جَنهِين آهہ، سارو جَهانُ،
ڪَيو آهہ پَيدا، زَمِين آسِمانُ.

پَکِي، جِيتَ، ماڻُهو، مِرُون بي شُمار،
سِجُ ۽ چَنڊ تارا، هَزارين هَزار.

هَوا، باهِہ، پاڻِي ضَرُورِي شَيُون،
اُپايُون اَٿَسِ جي، مِلَنِ بي مُلهيون.

وَڏائِيءَ سَندس جا وَڏا ٿيا بَيانَ،
نہ طاقت رَکي ٿِي اَسان جِي زِبان.

اَسان کي ڏِئي شالَ، سَگهہ سو ڏَڻِي،
ڪريُون يادِگِيري، سَندس تان گَهڻِي.

- محمد صديق 'مسافر'

الله سائينءَ جي ساراهہ ۾ چيل بيت کي 'حَمدُ' چئبو آهي.

# مشق

۱- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اَللّٰه تعاليٰ ڪهڙيون شيون پيدا ڪيون آهن؟

(ب) اَسان کي سدائين ڪنهن جي ساراهه ڪرڻ گهرجي؟

(ج) اَسان لاءِ ڪهڙيون شيُون ضروري آهن؟

۲- هيٺين لفظن کي سُنن اکرن ۾ لکو:

اُپايون - جَهانُ - سَگهَه - يادگِيري - ضروري

۳- ٻارو ٻہَ ٻہَ ڄڻا ٿي بيت سُر سان ٻُڌايو.

۴- هيٺين لفظن کي پڙهو ۽ ورجايو:

شال - جيت - وڏائي - گيت - ڳايون

۵- مناسب پد ملائي لفظ جوڙيو. جيئن: ڏ+ٽي = ڏٽي

- هَ + وا = ____________
- با + هِ = ____________
- پا + ڻِي = ____________
- سَ + گَهه = ____________

استاد لاءِ هدايت: اُستاد ٻارن کي نظم جي شاعر جو نالو ڏيکاري ۽ پڙهي ٻُڌائي.

سکيا جي حاصلات
- سبق کي درست اُچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- زندگيءَ جي بنيادي آدابن ۽ سٺين عادتن جو اظهار ڪري سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اُچارن کي ادا ڪري سگهي.

## سَبَقُ ٻيو

# حَضرت مُحمّد رَسولُ اللهُ خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم



الله سائينءَ جي پياري نبي سڳوري جو نالو حضرت محمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم (ترجمو: حضرت محمد، الله تعاليٰ جو رسول آهي ۽ الله تعاليٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن(صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَسَلَّم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڳورن رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي) آهي. پاڻ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم عَرب جي قُريش قبيلي ۾ ڄاوا هئا.

نبي سائين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي والد حضرت عبدالله جي وفات سندن ڄمڻ کان ڪجھ مَهينا اڳ ٿي. پاڻ سڳورا صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم ٻن مهينن جا ٿيا، تہ کين عرب جي رواج مطابق ٿڃ پيارڻ لاءِ حضرت بيبي حَليمہ رضہ جي حوالي ڪيو ويو.

پاڻ سڳورا صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڇهن سالن جا ٿيا، تہ سندن والده بيبي آمنہ جي بہ وَفات ٿي وئي. ان کان پوءِ سندن ڏاڏو حضرت عبدالمُطلب کين پالڻ لڳو. پاڻ سڳورا صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم اَٺن سالن جا ٿيا تہ سندن ڏاڏو بہ گذاري ويو. تنهن کانپوءِ سندن چاچي حضرت اَبو طالب کين نپايو.

پاڻ سڳورا صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم ننڍ پڻ کان سُلجھيل، سَچار، اِيماندارءِ رحمدل هئا. ماڻھو کين اَمِينُ ءِ صادِقُ سڏيندا هئا. سيني سان پيار ءِ مُحبت سان پيش ايندا هئا. پنهنجو وقت اجايو نہ وڃائيندا هئا. يَتيمَن سان قربُ ءِ هَمدَردِي ڪندا هئا.

پاڻ سڳورا صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم پوڙهن، بيمارن ءِ مسافرن جي مدد ڪندا هئا. نبي پاڪ صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم ٻنهي جهانن لاءِ رَحمتَ آهن. پاڻ سڳورن صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم فرمايو تہ اللهُ هڪ آهي ءِ ان جي ئي عِبادَت ڪرڻ گهُرجي.اَسان کي سَندن ڏَسيل واٽَ تي هَلڻُ گُهرجي.

## مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) حضرت محمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم ڪهڙي قبيلي ۾ ڄاوا؟

(ب) پاڻ سڳورن صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم جي والد جو نالو ڇا آهي؟

(ج) پاڻ سڳورن صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم جي ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟

(د) پاڻ سڳورن صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم ڇا ٻڌايو آهي؟

٢- مناسب لفظ چُونڊي جملا مڪمل ڪريو:

| | | |
|---|---|---|
| رحمدل | واٽ | رحمت |

* پاڻ سڳورا صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم ننڍ پڻ کان سُلجھيل، سَچارَ ءِ ..................هئا.
* پاڻ سڳورا صَلَي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاصحَابِهٖ وَسَلَم ٻنهي جهانن لاءِ.............آهن.
* اسان کي سندن ڏسيل .................................. تي هلڻ گهرجي.

٣- پڙهو ءِ لکو:

خاندان محبت پيغام ايماندار همدردي

سَبَقُ ٽيون

# نماز

**سکيا جي حاصلات**

- عبارت پڑهي سادن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.
- زندگيءَ جي بنيادي آدابن ۽ سٺين عادتن جو اظهار ڪري سگهي.
- لفظن جون واحد ۽ جمع صورتون ڻاهي سگهي.



نماز اسلام جو ٻيو رُڪن آهي. نماز پڑهڻ اسان تي فرض آهي. نماز روزانو پَنج وَقت پڑهبي آهي. نماز پڑهڻ لاءِ بدن صاف ۽ ڪپڑا پاڪ هئڻ ضروري آهن.

نماز لاءِ پَنج وقت مسجد مان بانگ ايندي آهي. بانگ ٻُڌي ماڻهو وضو ڪري مسجد ۾ جماعت سان گڏ نماز پڑهندا آهن. نماز پڑهائڻ واري کي ’پيش اِمام‘ سڏبو آهي.

نماز جا ڪيترائي فائدا آهن. روزانو پنج ڀيرا وضو ڪجي ٿو. نماز پڑهڻ وارن جو جسم ۽ ڪپڑا صاف ۽ پاڪ رهن ٿا. اُهي سڄو ڏينهن چُست ۽ توانا رهن ٿا. ان کان سواءِ روزانو پنج ڀيرا مسجد ۾ گڏجڻ جي ڪري هڪٻئي جي ڏُک سُک جي خبر پوي ٿي. ان سان ماڻهن جي پاڻ ۾ همدردي، محبت ۽ ڀائپي وڌي ٿي.

نماز چڱائي سيکاري ٿي ۽ بُرائيءَ کان بچائي ٿي.

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي نماز جا فائدا ٻڌائي ۽ گڏوگڏ همدردي، محبت، ڀائپي ۽ زندگيءَ جي بنيادي آدابن تي ڳالهه ٻولهه ڪرائي.

# مَشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) نماز دين جو ڪهڙو رڪن آهي؟
(ب) مسجد ۾ ٻانگ ڇو ڏني ويندي آهي؟
(ج) نماز پڙهائڻ واري کي ڇا سڏبو آهي؟
(د) نماز روزانو ڪيترا وقت پڙهبي آهي؟
(ه) نماز مان ڪهڙا فائدا آهن؟


٢- نماز بابت مختصر ٻڌايو.

٣- ياد رکو تہ: هڪ شيءِ کي واحد ۽ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ شين کي جمع سڏبو آهي ـ هيٺ ڏنل لفظن جا جمع لکو:

مثال:

| نماز | نمازون |
|---|---|
| مسجد | |
| ٻانگ | |
| تصوير | |
| خبر | |

۴- ٽُٻڪا ملائي تصوير ۾ رنگ ڀريو:



سَبَقُ چوٿون

# مَديني جا سائِين (نعت)



**سکيا جي حاصلات**

- نظم، سُر ۽ لئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ٻڌائي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اُچارن کي ادا ڪري سگهي.
- سادا نظم پڙهي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لفظن جون واحد ۽ جمع صوروتون ٺاهي سگهي.

مِٺڙن ڪان مَٺاهان مَديني جا سائِين!
اَسان تي عِنايَتَ ڪَرِين تُون سَدائِين.

زَماني ۾ جِن جو نہ ڪو واهرُو آ،
وَسِيلو تِنين جو فَقَطِ تُون ئِي آهِين.

اَندرَ ۾ اِها آسَ سانڍيو وَتان ٿو،
حَياتِيءَ ۾ روضو پِرين تُون پَسائِين!

’وَفا‘، تُنهنجِي رَحمتَ مان مايُوس ناهي،
ڪَڏهن مِهرَ جو مِينهُن تَنِهن تي وَسائِين.

- ’وَفا‘ مولا بخش

نَبِي سڳوري صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي ساراهہ ۾ چيل بيت کي ’نعت‘ چئبو آهي.

# مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) حمد ڪنهن جي ساراهه ۾ چيو ويندو آهي؟

(ب) نعت ڪنهن جي ساراهه ۾ چئي ويندي آهي؟

٢- پڙهو ۽ لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| مَٿاهان | | واهرُو | |
| مَدينو | | رحمت | |
| عِنايَتَ | | فَقَط | |
| زَمانو | | حياتي | |
| وَسِيلو | | سَهارو | |

٣- نوان لفظ ٺاهيو: جيئن: زمانو = زمانا

وسيلو .................. سهارو ...................

روضو ................. اڪيلو ...................

## سَبَقُ پنجون

# سِـــجُ

### سکيا جي حاصلات

- سبق کي درست اچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ٻڌي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سادا لفظ ٻُڌي جملا ٺاهي سگهي.
- تصوير ڏسي ان بابت ڪجهه جملا لکي سگهي.
- سبق ۾ ڏنل شين بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- لفظن جا شروعاتي، وچيان ۽ آخري آواز تبديل ڪري نوان لفظ ٺاهي ٻڌائي سگهي.
- لفظن جا ابتڙ لفظ لکي سگهي.



سِجُ اوڀرَ کان اُڀرندو آهي. سِج اُڀرڻ سان هرَ طرف سوجهرو ٿيندو آهي. سِج لهڻ سان اونده ٿي ويندي آهي. رات جو ڏيئا، بتيون ۽ بلب ٻاربا آهن.

سِجَ جي روشنيءَ کي اُس چئبو آهي.



سِج مان اسان کي روشني ۽ گرمي ملي ٿي. سِجَ جي روشنيءَ ۽ گرميءَ جي ڪري وڻ، ٻوٽا پنهنجِي خوراڪ ٺاهيندا آهن. فصل ٿيندا آهن. وڻن ۾ ميوا ٿيندا آهن. گُل ٽڙندا آهن.

سِجَ جي ڪري موسمون بدلبيون آهن. سِجَ جي گرميءَ سان سَمنڊ جو پاڻي ٻاڦ ٿي، ڪڪرَ ٺهندا آهن ۽ مينهن وسندو آهي.



زمين تي رهندڙ سمورا ساهوارا سِج جي ڪري زنده آهن. سِجُ اسان کان گهڻو پري آهي، پوءِ به اسان لاءِ فائدي وارو آهي.

# مشق

۱- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) سج ڪھڙي طرف کان اُڀرندو آھي؟

(ب) اسان کي قدرتي روشني ۽ گرمي ڇا مان ملي ٿي؟

(ج) روشنيءَ ۽ گرميءَ جا ڪھڙا فائدا آھن؟

۲- هيٺ ڏنل لفظ، جملن ۾ ڪم آڻيو:

بتيون - اُس - ڪڪرَ - فصل

۳- تصويرون ڏسي خال ڀريو:



★ سج ............... جو اُڀرندو آھي.

★ ............... جو سخت گرمي ٿيندي آھي.

★ سج ............... جو لھندو آھي.

۴- لفظن جا شروعاتي آواز تبديل ڪري نوان لفظ ناھيو: جيئن: گُلَ - ڦُلَ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سِجُ | | پَري | | ڪَڪر | | مِينھُن | |

۵- هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو:

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| فائدو | | گرمي | |
| روشني | | رات | |


# سَبَقُ ڇهون

# باغيچو

**سکيا جي حاصلات**

- سبقن کي درست اچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ شيءِ بابت پنجن ڪان ست سادا جملا لکي سگهي.
- پنهنجي اسڪول ۽ گهر بابت سوال ٻڌي انهن جا جواب ڏئي سگهي.
- سادن لفظن کي جوڙي ۽ ٽوڙي لکي سگهي.

توفِيق جي گهر ۾ هِڪ باغيچو آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گُل پوکيل آهن.انهن ۾ گلاب، سورج مُکي، موتيو ۽ چنبيلي آهن.



اهي گُل توفيق امڙ جي مدد سان پوکيا آهن. هو انهن کي پاڻي ڏيندو ۽ انهن جو خيال بہ رکندو آهي. هاڻي باغيچو چوڌاري گُلن سان ٻرجي ويو آهي. باغيچي ۾ پکي پکڻ بہ اچن ٿا ۽ منيون لاتيُون لنون ٿا.

هڪ ڏينهن توفيق پنهنجي دوست عادل کي گهر وٺي آيو ۽ ان کي باغيچو ڏيکاريائين. عادل باغيچو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ: آءٌ بہ پنهنجي گهر ۾ گُل پوکيندس. عادل جي ڳالهہ ٻڌي توفيق ۽ ان جي امڙ ٻيئي ڏاڍا خوش ٿيا.

**استاد لاءِ هدايت:** اُستاد ٻارن کي باغيچي ۾ وٺي وڃِي، مختلف گُل ڏيکاري ۽ انهن جا نالا ٻڌائي.

# مشق

۱- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) توهان ڪڏهن گهر ۾ ٻوٽا يا وڻ لڳايا آهن؟

(ب) باغيچو چوڌاري ڇا سان پرجي ويو؟

(ج) توهان کي ڪهڙا گُل پسند آهن؟

۲- هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| باغيچو | | چوڌاري | |
| لاتيون | | پوکيل | |
| قِسمن | | مدد | |

۳- هيٺيان گُل سُڃاڻي اُنهن جا نالا لکو:





۴- توهان جي اسڪول ۽ گهر جي پرپاسي ۾ ڪهڙا ڪهڙا وڻ ۽ ٻوٽا آهن؟

## ٥- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏيو:

وڻن ۾ نِمُ هڪ سدا بهار وَڻ آهي. هيءُ وڻ انسانن توڙي جانورن لاءِ فائدي وارو آهي. هيءُ وڻ ٻج کان وٺي پاڙ، ٿُڙ، ٽارِي، پَن ۽ ميوي تائين مختلف بيمارين جي علاج لاءِ استعمال ٿئي ٿو. خاص طور چمڙيءَ جي بيمارين لاءِ هِي وڻ گهڻو مفيد آهي. سنڌ ۾ نِمُ جو وَڻ عام جام ملي ٿو.

(الف) ڪهڙو وڻ سدا بهار سڏبو آهي؟
(ب) نِمُ جو وڻ ڪهڙين بيمارين لاءِ فائدي وارو آهي؟
(ج) نِمُ جي وڻ جي ڪهڙين ڪهڙين شين جو ذڪر ٿيل آهي؟
(د) نِمُ جي وڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟
(هہ) اوهان نِمُ کان سواءِ ٻيا ڪهڙا ڪهڙا وڻ ڏٺا آهن؟

## ٦- پنهنجي پسند جي گُل بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا لکو:

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

**استاد لاءِ هدايت:** اُستاد ٻارن کي سرگرمي نمبر ٥ ۾ ڏنل عبارت پڙهڻ لاءِ چئي ۽ سوالن جا جواب لکرائي.

٧ - هيٺين لفظن کي ليڪ وسيلي تصويرن سان ملايو:

سِجُ



وڻُ



پکي



گُل



٨ - هيٺ ڏنل لفظن کي ٽوڙي اکرن ۾ لکو:

باغيچو ____________________

گھر ____________________

امڙ ____________________

دوست ____________________

ڏينهن ____________________

سَبَقُ ستون

### سکيا جي حاصلات

- سادا جملا پڙهي سمجهي سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب لکي سگهي.
- روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهي.
- پنهنجي پسند جي موضوع تي مناسب آواز، تاثرات ۽ درست لهجي سان پنج کان ست جملا ڳالهائي سگهي.
- عددي رٿا (ارڙهن، ارڙهين،ارڙهون) جو فرق سمجهي سگهي.

# ڏنڊا ۽ هُنرَ



اَڪبر گرمين جي موڪلن ۾ پَنهنجي دوست مَهراڻَ جي ڳوٺ گهُمڻ ويو. صُبح جو ٻَئي ڄَڻا ٻَني گهمڻ ويا. هاري ٻَنيءَ ۾ هَر پئي ڪاهيو.

**اڪبر:** مهراڻ، هيءُ ڪير آهي؟



**مهراڻ:** اڪبر، هيءُ هاري آهي. هي هَر ڪاهي پوک ڪندو آهي.

**اڪبر:** هَر ڪير ٺاهيندو آهي؟

**مهراڻ:** هَر واڍو ٺاهيندو آهي. هر ڪاٺ مان ٺهندو آهي. هَر جي چُونِي لوهه جي هوندي آهي.



**اڪبر:** ڇا چُونِي به واڍو ٺاهيندو آهي؟


**مهراڻ:** چُونِي ۽ لوهه جو ٻيو سامان لوهار ٺاهيندو آهي.

**اڪبر:** ڀلا، هيءُ مَٽُ ڪنهن ٺاهيو آهي؟



**مهراڻ:** مَٽ ۽ ٻيا ٺِڪرَ جا ٿانوَ، ڪُنير مِٽيءَ مان ٺاهيندو آهي.

ٻَئي ڄَڻا ٻَني گهُمي واپس پُهتا.



**اڪبر:** پلا، ڳوٺ جون هِي جايون ڪنهن ٺاهيون آهن؟

**مهراڻ:** ادا، هي جايون رازا ٺاهيندا آهن.

**اڪبر:** توهان جي ڳوٺ ۾ ٻيا ڪهڙا ڪاريگر آهن؟



**مهراڻ:** اسان جي ڳوٺ ۾ دَرزي، موچي ۽ حَجامَ رهندا آهن. ڳوٺ ۾ هڪ سرڪاري اسپتال بہ آهي. ڊاڪٽر بيمارن جو علاج ڪندا آهن. ٻئي ڄڻا ڳالهيُون ڪندي گهر پُهتا. ٻئي دوست اَڱڻ ۾ کٽ تي اچي ويٺا. کٽ تي سهڻي رلي وِڇايل هُئي.



**اڪبر:** مهراڻ، هيءَ رلي ڪنهن ٺاهي آهي؟

**مهراڻ:** ادا، هيءَ رلي منهنجي پيڻ نوريءَ ٺاهي آهي. رليون ساديون بہ ٺينديون آهن تہ ٽُڪَ واريون بہ ٺينديون آهن. نوري پَرتُ پَرڻ، سنڌي ٽوپي ٺاهڻ ۽ ٻيا هُنر بہ ڄاڻي ٿي. ڳوٺ جون ٻيون عورتون بہ اهي هنر ڄاڻينديون آهن.

**اڪبر:** پلا، ٻُڍاءِ تہ ماڻهو ٻيا ڪهڙا ڌنڌا ڪندا آهن؟

**مهراڻ:** ادا، ڪي ماڻهو سرڪاري آفيسن ۾ نوڪري ڪندا آهن. تہ ڪي وري ڪارخانن ۾ ڪم ڪندا آهن. گهڻا ماڻهو



واپار ڪندا آهن. ڪي ماڻهو ٽانگا، رڪشا، بسُون، ٽرڪون، ڪارون، ريل گاڏيون ۽ جهاز هلائيندا آهن ته ڪي وري انجنيئر طور ڪم ڪندا آهن. اُستاد اسڪولن ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ پڙهائيندا آهن. سَچ ته ڪوبه ڌنڌو ۽ هُنر گهٽ نه آهي. سيئي ڌنڌا ۽ هُنر اسان جي فائدي لاءِ آهن.

## مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) گرمين جي موڪلن ۾ اڪبر ڪٿي گهمڻ ويو؟

(ب) مهراڻ جي ڳوٺ ۾ ڪهڙا ڪهڙا هنرمند رهن ٿا؟

(ج) عورتون ڪهڙا ڪهڙا هٿ جا هنر ڄاڻن ٿيون؟

(د) اوهان کي ڪهڙو ڌنڌو يا هُنر پسند آهي؟

٢- هيٺيان لفظ درست اچارن سان پڙهو ۽ ورجايو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪُنير | حَجامَ | ڳالهيون | هُنرمند | رليون |

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي سندن علائقي ۾ موجود ٻين هنرن ۽ ڌنڌن بابت ٻڌائي.

٣- درست جواب تي (✓) ۽ غلط جواب تي (✗) جو نشان لڳايو:

| | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| ✦ ڪنيار ڪتون ٺاهيندو آهي. | ☐ | ☐ |
| ✦ هاري جهاز اڏائيندو آهي. | ☐ | ☐ |
| ✦ ڊاڪٽر علاج ڪندو آهي. | ☐ | ☐ |
| ✦ واڍو هر ٺاهيندو آهي. | ☐ | ☐ |

٤- ڪنهن بہ هڪ هنرمند جو ڪردار ادا ڪري سندس ڌنڌي بابت پنج جملا ڳالهايو.

٥- ڏنل هنرمندن مان هرهڪ بابت هڪ هڪ جملو لکي ٻڌايو تہ ڪير ڇا ڪندو آهي:

استاد ______________________

موچي ______________________

هاري ______________________

رازو ______________________

٦- هيٺ ڏنل نوان لفظ لکو، جيئن: (ارڙهن، ارڙهين،ارڙهون)

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اوڻيهہ | | | چوويهہ | | |
| ويهہ | | | پنجويهہ | | |
| ايڪيهہ | | | ڇويهہ | | |
| ٻاويهہ | | | ستاويهہ | | |
| ٽيويهہ | | | اٺاويهہ | | |

## سَبَقُ انون

### سکيا جي حاصلات

- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- نظم، سُر ۽ لَئہ سان پڙهي، لطف حاصل ڪري سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ادا ڪري سگهي.
- نثر ۽ نظم کي خوشخطيءَ ۾ لکي سگهي.
- نظم پڙهي ۽ ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- ليکڪ/ شاعر ۽ مصور جو نالو ٻڌائي سگهي.
- ڳالهائڻ وقت جملن ۾ (آهي، هو، آهن، آهيان) جو استعمال ڪري سگهي.

# گُلاب جو گُلُ (بيت)



گُلن ۾ گُلابِي مَزيدار گُلُ،
چنبيلي ۽ موتئي جو مهندار گُلُ.

وڻي واهه دِل کي گلابي تو رنگ،
تيو سُونهن ساوَڪ جو سينگار گُلُ.

پَکِي توڙي انسان سڀ کي پسند،
تئي آدمين جي ڳچيءَ هار گُلُ.



سندس بُوءِ سُرهي ۽ ڏاڍي سُٺِي،
ڪري عطر کي تو هي نروار گُلُ.

سڀوري ڏٽيءَ جي پَلائِي گهٽي،
مريضن جو بيحد مددگار گُلُ.

گُلن جيئن رسايو سين کي سُڳنڌ،
تہ هرڪو اوهان سان ڪري پيار گُلُ.

- محمد صديق 'مُسافر'

**اُستاد لاءِ هدايت:** ٻارن کي بيت سُر ۽ لئہ سان پڙهائي.

# مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هن بيت جون توهان کي ڪهڙيون سٽون وڻن ٿيون؟

(ب) هن بيت ۾ ڪهڙن گُلن جو ذڪر ٿيل آهي؟

(ج) اوهان کي ڪهڙو گُل وڌيڪ وڻندو آهي؟

(د) اوهان کي گُلاب جو گُل ڇو وڻندو آهي؟

(هه) 'گُلاب جو گُل' بيت ڪنهن جو لکيل آهي؟

٢- هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو ۽ لکو.

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سُونهن | | پلائي | |
| بيحد | | سُڳنڌ | |
| ڏٽي | | نروار | |

٣- بيت جون هيٺيون سِٽون مڪمل ڪريو:

- وٽي واهه دِل کي ________________
- ٿيو سُونهن ساوَڪ جو ____________
- سندس بُوءِ سُرهي ۾ ______________
- ڪري عطر کي ٿو هي ____________

٤- مزيدار - مهندار هم آواز لفظ آهن اوهان هن بيت مان اهڙا ٻيا هم آواز لفظ ڳولي لکو.

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

٥- ڏنل بيت جي سِٽن کي خوشخطيءَ ۾ لکو:

ڳُلن ۾ ڳُلابي مزيدار ڳُل
چنبيلي ۽ موتئي جو مهندار ڳُل

______________________________

______________________________

٦- بيت سُر ۽ لئه سان وڏي آواز ۾ گڏجي پڙهو.

٧- مناسب لفظ لڳائي جملا مڪمل ڪريو:

- ڪالهه چنچر ______________ . (آهي، هو ، آهن، آهيان)
- هِي اسان جو گهر ______________ . (آهي، هو ، آهن، آهيان)
- اُهي شاگرد ______________ . (آهي، هو ، آهن، آهيان)
- آءٌ ڊاڪٽر ______________ . (آهي، هو ، آهن، آهيان)

## سکيا جي حاصلات

- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي پنجن کان ست جملا لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ شيءِ بابت پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.
- لفظن جون واحد ۽ جمع صورتون ٺاهي سگهي.
- قومي، ثقافتي ۽ مذهبي ڏڻن ۾ جوش ۽ جذبي سان حصو وٺي سگهي.
- زمان حال جي جملن کي زمان ماضيءَ جي جملن ۾ بدلائي سگهي

سَبَقُ نائون

# آزاديءَ جو ڏينهن






پاڪِستان اَسان جو ملڪ آهي. هيءُ ملڪ ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي قائد اعظم مُحمد علي جِناح جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ٿيو. پاڪستان جا چار صوبا آهِن: سِنڌ، پَنجاب، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان. پاڪستان ۾ رَهندڙ سيئي ماڻهُو پاڻ ۾ پيار محبت سان رهندا آهن.

۱۴ آگسٽ اسان جي آزاديءَ جو ڏينهن آهي. اَسين هر سال اهو ڏينهن سُٺي نَموني مَلهائيندا آهيون. اُن ڏينهن قومي ترانو ڳائي ملڪ جو جهنڊو ڦڙڪايو ويندو آهي. بازارِين، گهٽين ۽ عمارتن کي سهڻين جَهنڊين ۽ جهالرن سان سينگاريو آهي.



رات جو هر پاسي بتين جي جِهرمِر هوندي آهي.

اسان کي پنهنجي ملڪ سان ڏاڍو پيار آهي. اَسين عِلم پِرائي پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪنداسين. سُنا شهري بڻجي ملڪ کي خوشحال ڪنداسين.



# مشق

١- ٻڌايو تہ :

(الف) اسان جي ملڪ جو نالو ڇا آهي؟

(ب) پاڪستان ڪڏهن قائم ٿيو؟

(ج) آزاديءَ جو ڏينهن ڪيئن مَلهائيندا آهيون؟

( د ) اسان کي ملڪ جي خوشحاليءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

٢- پڙهو ۽ لکو:

ڄِهر مِر - خيبرپختونخوا - خدمت - ترانو - پيار - خوشحال - شهري

٣- پاڪستان بابت چار سِٽون لکو.

٤- نوان لفظ ٺاهيو. مثال: پيلو = پيلا - ڀاڄي = ڀاڄيون - تار = تارون

| | | | |
|---|---|---|---|
| صوبو | | ٻتي | |
| جهنڊو | | بازار | |
| گهٽي | | اخبار | |

٥- اوهان قومي ۽ ثقافتي ڏينهن ڪيئن ملهائيندا آهيو؟ ان بابت لکو.

٦- هيٺ ڏنل زمان حال جي جملن کي زمان ماضي جي جملن ۾ بدلايو:

جيئن: هُو ڊاڪٽر آهي ______هُو ڊاڪٽر هو.

| زمان حال | زمان ماضي |
|---|---|
| ٻار راند ڪيڏن ٿا. | |
| آءٌ سبق پڙهان ٿو. | |
| اسين خط لکون ٿا. | |

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي زمان حال ۽ زمان ماضي بابت سمجهائي ۽ سرگرمي نمبر ٥ ۾ ڏنل زمان حال جي جملن کي زمان ماضي جي جملن ۾ بدلائي لکڻ ۾ مدد ڪري.

## سَبَقُ ڏهون

# بَرسات

**سکيا جي حاصلات**

- نون لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- سادا جملا ٻڌي، سمجهي، لکي سگهي.
- 30 يا ان کان وڌيڪ لفظن تي مشتمل عبارت پڙهي سگهي.
- چئن کان پنجن پدن وارا لفظ سمجهي ۽ پڙهي سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.



آءٌ برسات آهيان. مون کي مِينهن، بارش ۽ وَسڪارو بہ چوندا آهن. آءٌ ڪڏهن بہ وَسي سگهان ٿي. گهڻو ڪري ساوَڻ جي مُند ۾ وسندي آهيان. مون کي ماڻهو اللهٰ جي رحمت چوندا آهن. آسمان تي ڪارا ڪَڪَرَ ڏسو، تہ سمجهو آءٌ اچڻ واري آهيان.

ماڻهو، پکي، جيت، جانور، وڻ ۽ ٻوٽا مون کي ساريندا آهن. منهنجي وَسَڻَ سان ڌرتيءَ مان قسمين قسمين گاهہ ۽ ٻُوٽا ڦُٽِي نڪرندا آهن. منهنجي وَسڻ کان پوءِ ڌرتيءَ مان وڻندڙ سُرهاڻ ايندي آهي.



مون کي ٿر ۽ ڪوهستان جا ماڻهو گهڻو ياد ڪندا آهن. منهنجي وسڻ سان چوپايو مال بہ خوش ٿيندو آهي. ماڻهن جون ٻنيون منهنجي وسڻ سان آباد ٿين ٿيون. منهنجي پاڻيءَ سان سنڌو درياهہ ڀرجي وهندو آهي.

آءٌ ڏينهن جو وَسِي بس ڪندي آهيان تہ سِجُ نڪرندو آهي. ڪڏهن آسمان تي ستن رنگن واري اِندلَٺ بہ نظر ايندي آهي.

پيارا ٻارو، آءٌ وسان تہ پلي وهنجو، پر رستن ۽ گهٽين ۾ گڏ ٿيل پاڻيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ وهنجو. ڇو تہ انهيءَ پاڻيءَ ۾ گند ڪچرو شامل هوندو آهي، ان ڪري بيماريون ٿين ٿيون.

# مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) برسات ڪھڙيءَ خاص مند ۾ وسندي آهي؟

(ب) ٿر ۽ ڪوهستان جون پوکون ڇا تي ٽيڪيل هونديون آهن؟

(ج) گندي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

(د) اوهان برسات وسڻ مهل ڇا ڪندا آهيو؟

٢- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وسڪارو | | سانوڻ | |
| سرهاڻ | | مُند | |

٣- لفظ پڙهو ۽ جملا ٺاهيو:

چوپايو ____________________

رحمت ____________________

ڪَڪَر ____________________

وڻ ____________________

ٻنيون ____________________

## ۴- هيٺ ڏنل لفظن کي پَدن ۾ ٽوڙيو، جيئن: برِسات = بَ + رِ + سا + ت

| لفظ | پَد |
| --- | --- |
| آسمان | |
| اندلٺ | |
| وسڪارو | |
| ڪوهستان | |
| سانوَڻ | |

## ۵ - برسات بابت پنج جملا لکو:

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

## ٦- هيٺ ڏنل عبارت هڪ منٽ ۾ پڙهو:

سانوڻ جي مُند ۾ گهڻي برسات وسندي آهي. برسات وسڻ سان ڌرتي سائي پوشاڪ پائي ٿي. برسات جو پاڻي درياهہ کي ڀري ٿو. برسات کان پوءِ اسان پهريون ڀيرو اندلٺ ڏٺي. اندلٺ جو منظروڻندڙ آهي. اندلٺ ۾ ست رنگ هوندا آهن.

| | |
| --- | --- |
| اُستاد لاءِ هدايت: | • ٻارن کي برسات بابت وڏيڪ ڄاڻ ڏئي.<br>• اُستاد ٻارن کان سرگرمي نمبر ٦ ۾ ڏنل عبارت واري واري سان هڪ منٽ ۾ پڙهائي ۽ درست پڙهيل لفظن جو تعداد ڳڻي لکي. |

سَبَقُ يارهون

## سکيا جي حاصلات

- بيت، سُر ۽ لَئہ سان سان پڙهي، لطف حاصل ڪري سگهي.
- تصوير ڏسي ان بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- بيت پڙهيءَ بڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي نظم بابت وضاحت ڪري سگهي.
- چارٽ ڏسي ۽ مندن جا نالا ٻڌائي سگهي.
- ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ڳالهائي سگهي.

# ڳايون چئن مُندن جو راڳ (بيت)



ٻارو اچي مِڙو هڪ ماڳ،
ڳايون چئن مُندن جو راڳ

هڪڙي تِن مان آهي بهار،
هيءَ مُند آهي واهہ جا ٻار!
وَڻ ٽِڻ ڏسجن تا سڀ سُهڻا،
باغ لڳن تا من کي مُٺا.
گُل ڦُل باغن منجهہ ٽِڙن،
پکي بہ مِٺڙيون ٻوليون ڪن.



وجي بهار تہ اچي اونهارو،
ڏول انهيءَ جو آهي نيارو.
گرميون اُن ۾ تين مُدام،
پاڻي پڻ چڙهن تا جام.
هن ۾ پئي ٿي پڻ برسات،
پوک جي سڀ کي وائي وات.

**استاد لاءِ هدايت:** هيءُ بيت ٻارن کي ڪورس ۾ چَورائي.



پوءِ سَرءُ ٿي اچي وري،
هوا لڳي ٿي کِهم پَري.
هِن رُت ۾ ٿا پاڻي ڇڄن،
پَن وڻن مان ڇڻيو پَون.
دل کي وڻندڙ ناهي هوا،
ٿئي ٿَپَتِ ٿي جاءِ بجاءِ.



ٿيو سرءُ جو پورو وارو،
آيو تنهن تان وري سيارو.
هوا اُتر جي ڪري سُوساٽ،
سيءَ ۾ ٺَريو پون ڳَهر ڳهاٽ.
سيءُ پوڻ سان ڪري پُڄاڻي،
وڃي ٿو ڳهٽجي هرهنڌ پاڻي.

ڇئن مُندن ۾ پورو سال،
وري ٿئي ٿو ساڳيو حال.

- محمد صديق 'مسافر'

# مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) سال ۾ ڪيتريون مندون ٿينديون آهن؟

(ب) گُل ڦُل ڪهڙي مُند ۾ ٽڙن ٿا؟

(ج) وڻن مان پن ڪهڙي مُند ۾ ڇڻن ٿا؟

(د) اوهان کي ڪهڙي مُند پسند آهي؟


(هـ) هن بيت مان توهان کي ڪهڙيون سِٽون وڌيڪ وڻن ٿيون ۽ ڇو ٿيون وڻن؟

٢- ٻارو! هي بيت سُر ۽ لئه سان ٻڌايو.

٣- ياد رکو ته:

- ★ بهار ۾ وڻ ٽڻ ساوا ٿي ويندا آهن.
- ★ سانوڻ جي مُند ۾ مينهن وسندا آهن.
- ★ سرءُ کي پنن ڇڻڻ جي مُند به چئبو آهي.
- ★ سياري ۾ سيءُ پوندو آهي ۽ گرم ڪپڙا پائبا آهن.

٤- ٻارو! چارٽ ڏسي مندن جا نالا ٻڌايو:




أستاد لاءِ هدايت: ٻارن کان پسند جي موسم بابت راءِ معلوم ڪري اُن جو سبب پُڇي.

## ۵ - سرگرمي:

**هيٺ ڏنل تصويرون سڃاڻو ۽ مُندن جا نالا لکو ۽ پوءِ مُندن جي نالن ۾ موجود پَدن جو تعداد، تاڙي وڄائي ٻڌايو:**









**استاد لاءِ هدايت:** سرگرمي نمبر ۵ جي ڪرائڻ کان اڳ استاد ٻارن کي پَد سمجھائڻ لاءِ هڪ مثال ٻڌائي، جيئن ’بهار‘ لفظ ۾ موجود پَدن جي سڃاڻپ تي پيرا تاڙي وڄائي ڪرائي. اُستاد ٻارن جون ٻه ٽوليون ناهي. هڪ ٽولي کي تصوير ڏيکاريو، اها ٽولي تصوير جو نالو ٻڌائي، ٻي ٽولي تصوير جو نالو ٻُڌي پَدن کي الڳ الڳ ڪري انهن جي آوازن جي ادائيگي تاڙيون وڄائي ڪري.

## سَبَقُ ٻارهون

# حضرت عَلِي كَرَمِ اللّٰهُ وجههٗ

**سکيا جي حاصلات**

- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- عبارت پڑهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لفظن جا ضد لکي سگهي.



حضرت علي ڪرم الله وجههٗ نبي ڪريم صَلّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو سڳو سؤٽ هو. پاڻ مَڪّي شريف ۾ ڄائو. سندن والد جو نالو حضرت ابو طالب هو. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ ننڍپڻ کان ئي پاڻ سڳورن صَلّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم سان گڏ رهيو.

حضرت علي ڪرم الله وجههٗ رحمدل، سخي، بهادر، عالم ۽ عادل هو. بهادريءَ جي ڪري ڪيس نبي ڪريم صَلّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم ’اسدالله‘ يعني ’الله جو شينهن‘ سڏيو. هو وڏو عالم هو. سندن علم جي باري ۾ نبي ڪريم صَلّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي ته، ”آءٌ علم جو شهر آهيان ۽ علي اُن جو دروازو آهي.“

هڪ ڀيري عيد جي ڏينهن ماڻهن حضرت علي ڪرم الله وجههٗ کي عرض ڪيو ته ، ”سائين توهان جي ڪپڙن ۾ چَتِيون لڳل آهن، عيد

تي اوهين بہ نوان ڪپڙا پهريو ها.“ پاڻ چيائون تہ ”ائين ڪِيئن ٿو ٿي سگهي تہ آءٌ نوان ڪپڙا پهريان ۽ شهر جا غريب ماڻهو پراڻن ڪپڙن ۾ هجن.“

حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي رهڻي ڪهڻي سادِي هوندي هئي. سادو کائيندا هئا ۽ سادو پهريندا هئا. سندن زندگي اسان سڀني لاءِ هڪ وڏو مثال آهي.

## مشق

۱- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) حضرت علي ڪرم الله وجههٗ پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو ڇا ٿيندو هو؟

(ب) حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي والد جو نالو ڇا هو؟

(ج) حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن هئي؟

(د) حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي علم جي باري ۾ نبي سڳوري صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو ڇا فرمان آهي؟

(هہ)

۲- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رحمدل | | بهادر | |
| عالم | | عادل | |
| اسد الله | | ننڍپڻ | |

۳- ليڪ جي ذريعي ڏنل لفظن کي ابتڙ لفظ سان ملايو:

| | |
|---|---|
| سخي | غريب |
| عالم | پراڻا |
| بهادر | بزدل |
| نوان | جاهل |
| امير | ڪنجوس |

أستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي ’عادل ۽ عالم‘ لفظن بابت ڄاڻ ڏئي.

### سکيا جي حاصلات

- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- تصوير ڏسي ان بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- بي ترتيب لفظن کي ترتيب ڏئي جملو ٺاهي سگهي.
- هاڪاري ۽ ناڪاري، سوالي ۽ بياني جملا ٺاهي ۽ پڙهي سگهي.
- لفظن جا اُبتڙ لفظ لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا رواني سان ڳالهائي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ کان ويهن تائين ڳڻپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهي

## سَبَقُ تيرهون

# صحتَ ۽ صَفائي

**اُستاد:** صِحَتَ هڪ وڏِي نعمت آهي.صحت لاءِ صفائي ضروري آهي.


**بادل:** سائين، صحت لاءِ ڪهڙي صفائي ضروري آهي؟





**اُستاد:** اسان کي جسماني صفائيءَ جو خاص خيال رکڻ گهرجي. روزانو صبح ۽ رات جو ڏندڻ ڪرڻ گهرجي.

**اِستاد:** ماڻهوءَ کي جِسماني صفائِيءَ جو خيال رکڻ گهرجي. روزانو ڏَندَ صاف ڪجن. وهنجي سهنجي بدن صاف ڪجي. صاف ڪپڙا پائجن، شام جو راند ڪجي. راند ڪرڻ سان جسم چُست ۽ سگهارو ٿئي ٿو. اسان کي ڪپي تہ ڪم ڪرڻ وقت ڪم ڪريون ۽ کيڏڻ وقت رانڊِ رُوندِ ڪريون.

**مُرڪ:** سائين، اسين گهَر جِي صفائِي تہ روز ڪندا آهيون ۽ اسڪول کي بہ صاف رکندا آهيون.



**اُستاد:** بَرابر، رُڳو گهر ۽ اسڪول نہ، پر ڳوٺ ۽ شهر بہ اسان جا آهن.اُنهن کي صاف رکڻ بہ اسان جو فرض آهي. ماحول صاف هوندو تہ صحت سُٺِي رهندي. گند ڪِچرو گهرَ جي آس پاس نہ ڇڏجي.

**شوڪت:** سائين، صحت لاءِ ڪهڙو کاڌو کائڻ ضروري آهي؟

**اُستاد:** کاڌي ۾ اَناج، ڀاڄيون،داليون، گوشت، مَڇِي ۽ ميوا کائڻ





گھرجن. ميوا ۽ ڀاڄيون تازيون هجن. رَڌڻ کان اڳ انهن کي چڱيءَ طرح ڌوئجي. ڳريل سڙيل ۽ ڀارُوٿيون شَيون نہ کائجن. روزانو کِيرُ پِيئڻ کپي. کاڌي ۾ سَٽيُ ۽ مِرچَ مصالحا گھٽ وجھڻ گھرجن. کاڌي پِيتي جا ٿانوَ صاف هئڻ گھرجن.

**مومل:** سائين، مهربانِي ڪري پاڻيءَ بابت بہ اسان کي ڪجھ ٻڌائيندا.

**اُستاد:** ٻارو، مومل ڪيڏي نہ سُٺي ڳالِھ پُڇي آهي. سٺي صحت لاءِ صاف پاڻِي ضروري آهي. پاڻيءَ کي ٺَھڪائي، ٺاري پوءِ پيئڻ گھرجي.

**مومل:** سائين، آئيندي اسين بہ ائين ڪنداسين.

**اُستاد:** ها، جيڪڏھن اسين انهن ڳالِهيُن تي ڌِيان ڏينداسين تہ بيماريون نہ پڪڙبيون ۽ تندرست رهنداسون. چوندا آهن تہ 'تَندرستي هَزار نِعمَتَ آهي'.

## مشق

**١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

(الف) سُٺِي صحت لاءِ ڪھڙيون ڳالھيون ضروري آهن؟

(ب) سُٺِي صحت لاءِ ڪھڙا کاڌا کائڻ گھرجن؟

(ج) صفائي ڇو ضروري آهي؟

**٢- هيٺين لفظن جا ابتڙ لفظ لکو:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| صاف | | اڳ | |
| ٿڌو | | تازو | |

### ٣- هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهو ۽ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آسپاس | چوڌاري | سَگهارو | طاقت وارو |
| ٿهڪائي | اُباري | تَندرستي | چڱيلائي |
| چُست | چالاڪ | ضَروري | لازمي |

### ۴- هاڪاري ۽ ناڪاري جملا پڙهو:

| هاڪاري جملا | ناڪاري جملا |
|---|---|
| هيءُ ڪتاب منهنجو آهي. | هيءُ ڪتاب منهنجو نہ آهي. |
| هيءُ قلم تنهنجو آهي. | هيءُ قلم تنهنجو نہ آهي. |
| هيءُ پاڻي صاف آهي. | هيءُ پاڻي صاف نہ آهي. |

### ۵- هيٺ ڏنل بي ترتيب جملن کي ترتيب سان لکو:

جيئن: آهن هِي ڇوڪرا - هِي ڇوڪرا آهن.

ٽيون ڇوڪريون ڪيڏن. ______________________

رکو ڏند صاف. ______________________

گهرجن ميوا تازا کائڻ. ______________________

پاڻي پيئڻ گهرجي صاف. ______________________

### ٦- تصوير ڏسي سادن سوالن جا جواب ڏيو:







1. پهرين تصوير ۾ ٻارُ ڇا ڪري رهيو آهي؟
2. ٻِي تصوير ۾ ٻارُ ڇا ڪري رهيو آهي؟

أستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي صحت ۽ صفائي بابت وڏيڪ ڄاڻ ڏئي.

## ۷- جملن کي لاڳاپيل تصويرن سان ليڪ ذريعي ملايو:

| جملا | تصويرون |
|---|---|
| راند رُوند کان پوءِ هَٿَ صابڻ سان ڌوئڻ گهرجن. |  |
| ڪاڪوسَ مان اچڻ کان پوءِ هَٿَ صابڻ سان ڌوئڻ گهرجن. |  |
| جانورن کي هٿ لڳائڻ کان پوءِ هَٿ صابڻ سان ڌوئڻ گهرجن. |  |
| کاڌو کائڻ کان پهرين هٿ صابڻ سان ڌوئڻ گهرجن. |  |

## ۸- نوان لفظ ٺاهيو. جيئن: ڏهه ــ ڏهون

| | | | |
|---|---|---|---|
| يارهن | | سورهن | |
| ٻارهن | | سترهن | |
| تيرهن | | ارڙهن | |
| چوڏهن | | اوڻيهه | |
| پندرهن | | ويهه | |

اُستاد لاءِ هدايت: اُستاد صحت ۽ صفائيءَ جي عنوان تي، ڪلاس ۾ هر ٻار کي هڪ ڪان ٻن منٽن جي تقرير ڪرائي.


سَبَقُ چوڏهون

# عيد الفِطر

### سکيا جي حاصلات

- سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- قومي، ثقافتي ۽ مذهبي ڏڻن ۾ جوش ۽ جذبي سان حصو وٺي سگهي.
- اعرابن (زبر، زير، پيش) جو درست استعمال ڪري سگهي.





رَمضان جو مَهينو مُسلمانن لاءِ پيارو آهي. ان مهيني ۾ مُسلمان روزا رکندا آهن. مهيني جي آخري تاريخن ۾ عيد لاءِ سامان، ڪپڙا لٽا ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون خريد ڪندا آهن.

شَوال مهيني جي چَنڊ ڏسڻ سان عيد جو اعلان ٿيندو آهي. چنڊ جو اعلان ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان ڪيو ويندوآهي. ماڻهو ماڙين تي چَڙهي يا مَٿانهن هنڌن تان چنڊ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

عيد جي ڏينهن صبح جو ماڻهو وهنجي نوان ڪپڙا پائيندا آهن. مسڪينن ۾ فطرو

۽ ڪاڏو ورهائبو آهي. عيد گاهہ ڏانهن نماز پڙهڻ وڃبو آهي. هن عيد کي 'عيدالفِطر' چئبو آهي.



عيد جي ڏينهن ٻار ڏاڍا خوش هوندا آهن. مائٽن کان عيد جي خرچي وٺي شيون ۽ رانديڪا خريد ڪندا آهن. ڪي ٻار چوڏول ۾ چڙهندا آهن، ڪي پِينگهہ پيا لڏندا آهن تہ ڪي وري چِيڪلي تي ڦرندا آهن.

عيد جي ڏينهن قِسمين قِسمين عمدا طعام تيار ڪيا ويندا آهن. سيرا، سَيون، کيرُ ڪارڪون ۽ ٻيا کاڌا رڌبا آهن. اهي شيون پاڙيوارن کي بہ ڏبيون آهن.



عيد جي شام جو شهرن ۽ ڳوٺن ۾ رانديون بہ ٿين. ڪٿي ڪوڏي ڪوڏي راند، ڪٿي ملاکڙو تہ ڪٿي ڪرڪيٽ راند ٿئي. ننڍا وڏا رانديـن کي چاهہ سان ڏسندا آهن.

# مشق

۱- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) مسلمان ڪهڙي مهيني ۾ روزا رکندا آهن؟

(ب) عيدالفطر جي نماز کان اڳ مسڪينن ۾ڇا ورهائبو آهي؟

(ج) ٻار عيد جي خرچيءَ مان ڇا وٺندا آهن؟

(د) عيد نماز ڪٿي پڙهبي آهي؟

(هه) اوهان عيد ڪيئن ملهائيندا آهيو؟

۲- هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| پلارو | ________ | عيد | ________ |
| اعلان | ________ | ملاڪڙو | ________ |
| طعام | ________ | رانديڪا | ________ |

۳- هيٺين لفظن تي زير، زبر ۽ پيش ڏئي، درست اچاريو ۽ لکو:

ٻار عيد سيون پينگهه چنڊ

۴- پڙهيل سبق مان هيٺ ڏنل اکرن سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولي لکو: جيئن: ر: رمضان

| | | | |
|---|---|---|---|
| ش | ________ | ط | ________ |
| ق | ________ | م | ________ |
| خ | ________ | ع | ________ |

۵- پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪريو ۽ هڪٻئي کي ٻڌايو ته اوهان کي عيد جي ڏينهن جي ڪهڙي ڳالهه وڌيڪ پسند آهي.

٦- ياد رکو ته: ٻين مذهبن جا وڏا ڏينهن هي آهن، انهن جو به احترام ڪرڻ گهرجي.

* ڏياري * هولي * ڪرسمس * ويساکي

أستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي ٻين مذهبي ڏڻن بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

### سکيا جي حاصلات

- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ٻڌي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سادا نظم پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لفظن کي لغت واري درست ترتيب سان لکي سگهي.
- ٻاراڻا نظم سُر ۽ لئه سان پڙهي، لطف حاصل ڪري سگهي.
- هم آواز لفظ لکي سگهي.
- ڳالهائڻ وقت جملن ۾ (ٿو، ٿي،ٿا) جو استعمال ڪري سگهي

## سَبَقُ پندرهون

# مُنهِنجِي اَمَڙِ (بيت)



مون کي ڪنهن ٿي کِير پياريو،
پيارَ منجهان ٿي گود ويهاريو،
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو،
منهنجي امڙ.



پَنڌ ڪندي جي ڌِڪو کاڌُم،
ڪنهن ڪٽي ٿي ڇاتيءَ لاتُم،
پيار منجهان ٿي ياڪر پاتُم.
منهنجي امڙ.



تو ڪئي مون سان آهہ ڀلائي،
تنهن لَءِ ڪريان شُڪر سدائي،
مُور نہ وسري تنهنجي چڱائي،
منهنجي امڙ.

ننڊ ڦِٽي مون جڏهن ٿي پيئي،
ڪنهن ٿي سُمهاريو لولي ڏيئي،
چڏي نہ مون کي ڪيڏهن ويئي!
منهنجي امڙ.



صبح سانجهيءَ سارَ لڌائين،
ڪاڏو پيتو ڪيئن ٿي ڏنائين،
مون تي پنهنجو ساهہ ڇڏيائين،
منهنجي امڙ.

وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس،
سُکَ سوين آءٌ توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساهہ ڇڏيندس،
منهنجي امڙ.

- ڀيرو مل ’غريب‘

اُستاد لاءِ هدايت: ٻارن کان ٻين رشتن جا نالا پُڇي.

# مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اوهان کي هن بيت جون ڪهڙيون سٽون وڌيڪ وڻن ٿيون؟
(ب) اوهان کي اهي سٽون ڇو ٿيون وڻن؟
(ج) ٻار کي لولي ڏيئي ڪير سمهاريندو آهي؟
(د) اوهان وڏا ٿي ماءُ جي ڪهڙي خدمت ڪندا؟

٢- هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ سمجهو ۽ جملن ۾ استعمال ڪريو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گود | هَنج | سار | يادگيري |
| سُک | آرام | سانجهي | سج لهڻ جو وقت |
| چڱائي | سُٺائي | نهاريو | ڏٺو |

٣- ساڳين آوازن وارا لفظ بيت مان ڳولي لکو:

مثال:

| | |
|---|---|
| پياريو | نهاريو |
| ڪاڏم | |
| لڏائين | |
| پلائي | |
| ٿيندس | |

۴- هيٺين لفظن کي الف _ ب جي ترتيب سان لکو:

امڙ – ڏکو – پنڌ – چاتي – ياکر

۵- هيٺ ڏنل لفظن جا 'وچ وارا آواز يا اکر' بدلائي نوان لفظ ٺاهيو:

جيئن: خَچرَ - خَ ـبـ رَ = خَبَرَ

- قَلم - قـ ____ م = ______________
- اکر - ا ____ ر = ______________
- لچڻ - لـ ____ ڻ = ______________
- چٻر - چـ ____ ر = ______________
- جسم - جـ ____ م = ______________

٦- مناسب لفظ لڳائي جملا مڪمل ڪريو:

- اَسلم اِسڪُول وڃي ____________(تو، تي،تا)
- هُوءَ سبق پڙهي ____________(تو، تي،تا)
- اسين باغ ۾ گهمون ____________(تو، تي،تا)

۷- سرگرمي:

هي بيت سُر سان پڙهي ٻڌايو.

# سَبَقُ سورهون

# قائدِاعظم مُحمّد علي جِناح رَحمة الله عليه

### سکيا جي حاصلات

- ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙي ۽ ٽوڙي سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.
- زمان حال ۽ زمان ماضيءَ جي جملن کي سڃاڻي ڌار ڌار لکي سگهي.
- ڳالهائڻ يا لکڻ وقت (تي، ۾، کي، کان، مان، سان وغيره) جو مناسب استعمال ڪري سگهي.




سنڌ ۾ ڪيترائي وڏا ماڻهو پيدا ٿيا آهن. قائدِاعظم مُحمد علي جناحؒ بہ اُنهن مان هڪ آهي. هُو ڪراچيءَ ۾ ڄائو هو. هُن شُروعاتي تعليم سنڌ مدرسي ۾ ورتي. وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ هو وِلايَت پڙهڻ ويو. جتان هن قانون جو وڏو اِمتحان پاس ڪيو.

قائدِاعظم محمد علي جناحؒ ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي هو. هُو وقت تي اسڪول ويندو هو ۽ دِل لڳائي پڙهندو هو. جيستائين اسڪول جو ڪم پورو نہ ڪندو هو، تيستائين آرام نہ ڪندو هو.

هڪڙي ڀيري ماءُ پُڇيس، ’اَبا رات جو ايترو گهڻو ڇو ٿو پڙهين؟‘ هن جواب ڏنو، ’امان، جيڪي ماڻهو محنت نہ ڪندا، سي وَڏي دَرجي تي ڪِيئن پُهچندا!‘

سچ پچ تہ قائداعظم محمد علي جناحؒ ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي هو. پنهنجي محنت ۽ اُورچائيءَ سان نيٺ وڃي وڏي درجي تي پهتو.

هن جي ڪوشش سان انگريزن کان آزادي ملي ۽ اسان جو ملڪ پاڪستان ٺهيو. سندس خدمتن جي ڪري قوم کيس ’قائدِاَعَظم‘ جو لَقَبُ ڏِنو. قائداعظم جو مَطلب آهي، ’تمام وڏو اڳواڻ.‘



پياري وطن جي تَرقيءَ لاءِ قائداعظم محمد علي جناحؒ رات ڏينهن ڪم ڪندو رهيو. گهڻي ڪم سبب، هن جي طبيعت خراب ٿي وئي. ڪُجھ ڏينهن بيمار رَهڻ کان پوءِ گذاري ويو. هن جو مقبرو ڪراچيءَ ۾ آهي.

قائد اعظم محمد علي جناحؒ جي زندگي اسان لاءِ هڪ مثال آهي.

# مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) قائد اعظم جو سڄو نالو ڇا آهي؟
(ب) قائد اعظم ولايت مان ڪهڙو امتحان پاس ڪيو؟
(ج) قائد اعظم ڪي سندس ماءُ ڇا چيو؟
(د) قائد اعظم ماءُ ڪي ڪهڙو جواب ڏنو؟
(هہ) ’قائداعظم‘ لفظ جي معنيٰ ٻُڌايو؟

٢- هيٺين جا ابتڙ لفظ لکو:

مثال: صبح = شام

| | |
|---|---|
| ڏينهن | |
| روشني | |
| اڇو | |
| گرمي | |
| نئون | |

٣- قائد اعظم محمد علي جناح بابت ڪي ٻہ ست جملا لکو:

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٤- هيٺ ڏنل لفظن ڪي پدن ۾ ٽوڙيو. جيئن: آزادي = آ+زا+دي.

محنتي ______________ اڳواڻ ______________

ولايت ______________ هوشيار ______________

ناليوارا ______________

### ٥- هيٺ ڏنل جملن ۾ مناسب لفظ وجهي خال ڀريو:

۾ - کي - تي - کان - مان - سان


- ميز ________ ڪتاب آهي.
- سليمَ ________ پينسل وٺ.
- گلاس ________ پاڻي آهي.
- ٽيلهي ________ ڪتاب ڪڍ.
- مون ________ قلم ڏي.
- اسلمُ ________ راند ڪيڏ.

### ٦- هيٺ ڏنل جملن ۾ زمان ماضي ۽ زمان حال سُڃاڻي (✓) جو نشان لڳايو:

| جملا | ماضي | حال |
|---|---|---|
| • آسمان تي جُهڙ آهي. | | |
| • قائداعظم ڏاڍو محنتي هو. | | |
| • آءٌ سبق پڙهان ٿو. | | |
| • اُهي ڇوڪرا آهن. | | |
| • توفيق بازار ويو. | | |

### ٧- هيٺ ڏنل تصويرون ڏسو ۽ نالا پڙهو:


محترمہ فاطمہ جناح


علامہ محمد اقبال


ليڊي نصرت هارون


سر عبدالله هارون

اُستاد لاءِ هدايت: • ٻارن کي قائداعظم محمد علي جناح بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

## سَبَقُ سترهون

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه

**سکيا جي حاصلات**

- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ادا ڪري سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لفظن جا ابتڙ لفظ لکي سگهي.
- ڪا تصوير، تقريب يا نمائش ڏسي ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- ٻاراڻن ادبي پروگرامن (بزمِ ادب) ۾ حصو وٺي سگهي.
- اخبارن ۽ رسالن وغيره مان لطف اندوز ٿي سگهي.



شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سنڌ جو هڪ وڏو صوفي بزرگ ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ جا ماڻهو کيس شاعرن جو سرتاج سڏيندا آهن. شاهه صاحب کي 'شاهه ڀٽائي' ۽ 'ڀٽائي گهوٽ' بہ سڏيندا آهن. شاهه صاحب جي پيءُ جو نالو شاهه حبيب هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ننڍپڻ کان ڏاڍو نيڪ ۽ سلڇڻو هو. هو گهڻو وقت فقيرن، عالمن ۽ راڳين جي صحبت ۾ گذاريندو هو. شاهه صاحب ڏاڍي سڳوري جي عبادت هڪ ڀٽ تي وهي ڪندو هو. اُن ڀٽ وارو ڳوٺ، اڄ سندس نالي پٺيان 'ڀٽ شاهه' سڏجي ٿو.

شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي ڪتاب جو نالو 'شاهه جو رسالو' آهي. شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ سان گڏ سڄي دنيا جي

سُکار لاءِ دعا ڪئي آهي. شاهہ صاحب سير سفر جو ڪوڏيو هو. هن سنڌ هند جي ڪيترن ماڳن ۽ شهرن جو سفر ڪيو. شاهہ صاحب راڳ کي پسند ڪندو هو. شاهہ جا فقير تنبوري تي راڳ ڳائيندا آهن.

شاهہ صاحب ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ سن ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪئي. شاهہ صاحب جي قبر جي مٿان سنڌ جي حاڪم غلام شاهہ ڪلهوڙي هڪ عاليشان مقبرو اڏايو.

هر سال شاهہ صاحب جي وفات واري تاريخ ١٤ صفر تي وڏو ميلو لڳندو آهي. اُهو ميلو ٽي ڏينهن هلندو آهي. اُتي ادبي محفلون، شاهہ جو راڳ ۽ سُگهڙن جون ڪچهريون ٿينديون آهن.

ميلي ۾ ملاڪڙو لڳندو آهي. زرعي نمائش ٿيندي آهي ۽ ثقافتي ڳوٺ پڻ ٺاهيو ويندو آهي. انهيءَ موقعي تي سرڪس، جهولا، رانديڪن ۽ مناين جا دڪان وڏي تعداد ۾ هوندا آهن.

## مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي پيءُ جو نالو ڇا هو؟
(ب) شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي ڪتاب جو ڇا نالو آهي؟
(ج) شاهہ سائينءَ جو ميلو ڪهڙي تاريخ تي لڳندو آهي؟
(د) شاهہ سائينءَ جو مقبرو ڪنهن اڏايو؟
(هہ) شاهہ جا فقير تنبوري تي ڪنهن جو راڳ ڳائيندا آهن؟

٢- سٺن اکرن ۾ لکو ۽ پڙهو:

بزرگ - عظيم - رونق - شاعر - سرتاج - ڪوڏيو

### ٣- هيٺ ڏنل لفظن جا اُبتڙ لفظ لکو:

مثال:

| عالم | جاھل |
| --- | --- |
| اوندھ | |
| يَلائي | |
| ڏُک | |

### ٤- اکر ملائي لفظ ناھيو:

مثال:


| ڪ | ت | ا | ب | ڪتاب |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| ب | ز | ر | گ | |
| ع | ظ | ي | م | |
| پ | ي | ا | ر | |
| س | ر | ڪ | س | |

### ٥- شاھ سائينءَ جي ميلي جو مختصر احوال ٻڌايو:

### ٦- ڪنھن بہ ڏنل ميلي جو احوال ٻڌايو:

### ٧- تَصوِيرون سُجاڻي نالا لکو:






سرگرمي: • اوھان کي شاھ عبداللطيف جو ڪو بيت ياد ھجي تہ ڪلاس ۾ سُر سان ٻُڌايو.

• اسڪول جي لائبريريءَ مان ڪا اخبار يا ٻاراڻو رسالو ڪڍي پڙھو ۽ ان بابت پنھنجي ڪلاس ۾ ٻڌايو.

اُستاد لاءِ ھدايت: اُستاد ٻارن کي ’شاھ جو رسالو‘ ڏيکاري ۽ ان بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

## سَبَقُ ارڙهون

### سکيا جي حاصلات

- نون لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ادا ڪري سگهي.
- ٻاراڻا نظم/ بيت سُر ۽ لئه سان پڙهي ۽ لطف حاصل ڪري سگهي.
- لفظن جون واحد ۽ جمع صورتون ٺاهي سگهي.
- جملي ۾ لفظن جي باهمي ربط کي سمجهي پڙهي سگهي.
- مرڪب لفظ سڃاڻي ۽ لکي سگهي.
- ليکڪ/ شاعر ۽ مصور جو نالو ٻڌائي سگهي.

# لاٽُونئَڙو ڦيرايُون (بيت)



آءُ تہ لاٽُونئَڙو ڦيرايون!
دوست گَهڙِي ڪن دِل وِندرايون!

منهنجو لاٽُون سُهڻو سُهڻو،
رَنگا رَنگي ۽ مَن مُهڻو،
ڪارِيگرَ ڪيئن آهي ٺاهيو،
واهہ جو رنگ سان رَنگ ملايو،
آءُ تہ هن سان رُوح رِيجهايُون،
آءُ تہ لاٽُونئَڙو ڦيرايون!



آيُس پَٽ جي ڏور وَٽائي،
ڳاڙها ڦُندَڻ اُن ۾ لائي،
ويڙهي زور سان پَٽَ تي هَٽندس،
نِوڙِي جهٽ پَٽِ هٿ تي کڻندُس،
ڪَڏَندو هٿ تي هُو ڪِتڪايُون،
آءُ تہ لاٽُونئَڙو ڦيرايون



هٿ تي کَڻنَدسُ هيٺ نہ ڏِهندو،
ڦِرَندو ڦِرَندو ساندهہ رهندو،
ٽڪجِي پوندو گوهيون هَٽندو،
پوءِ گهڙي کن ساهہ بہ کڻندو،
بيهڻ جون وارِيندو وايُون،
آءُ تہ لاٽُونئَڙو ڦيرايون!



تُون بہ کڻي اچ لاٽُون ڏور،
پوءِ پُڄايُون ڪَنهن جو زور،
لاٽون آهي سُهڻو منهنجو،
ناهي هِن کان بهتَر ڪنهن جو،
چو نہ پيلا پوءِ شَرط پُڄايُون،
آءُ تہ لاٽُونئَڙو ڦيرايون!

- الطاف عباسي

أُستاد لاءِ هدايت: أُستاد ٻارن کي سُر سان بيت پڙهائي.

# مشق

۱- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هن بيت مان توهان کي ڪهڙيون سٽون وڻن ٿيون؟

(ب) اهي سٽون اوهان کي ڇو ٿيون وڻن؟

(ج) لاٽون ڇا سان ڦيرائبو آهي؟

(د) ’لاٽونئڙو ڦيرايون‘ بيت ڪنهن جو لکيل آهي؟

۲- هيٺين لفظن جي معنيٰ پڙهو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نِوڙي | جُهڪِي | ساندھ | لاڳيتو |
| سُهڻو | وڻندڙ | زور | طاقت |

۳- هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب لفظ چونڊي جملا مڪمل ڪريو:

| رنگن | ڪاريگر | دڪان | سهڻا |
|---|---|---|---|

★ اسان جا لاٽُون ........................ آهن.

★ منهنجو لاٽُون .................. ناهيو آهي.

★ لاٽُون ڪيترن ئي ..................... جا هوندا آهن.

★ ڏور .................. تان وٺبي آهي.

۴- ڪالم ’الف‘ کي ڪالم ’ب‘ سان ملائي مرڪب لفظ ٺاهيو:

| الف | ب | مرڪب لفظ |
|---|---|---|
| رنگا | رنگي | |
| جَهٽ | پَٽ | |
| من | مهٽو | |
| گهڙي | ڪن | |

٥- هيٺ ڏنل جمع لفظن جا واحد لکو: **جيئن**: ڪتابَ - ڪتابُ


| جمع | واحد |
|---|---|
| دوستَ | |
| ڪاريگرَ | |
| هَٽَ | |
| ٻارَ | |

٦- "يون" آواز ملائي، ساڳيون پورا لفظ لکو: جيئن قيرا جو قيرايون

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪتڪا | | ريجها | |
| پُڄا | | وا | |

٧- ٻارو، توهان ڪهڙيون رانديون ڪيڏندا آهيو؟

٨- ڏُبڪا ملائي ڏسو تہ ڇا ٿو ٺهي؟ ۽ پوءِ انهيءَ ۾ رنگ ڀريو.



اُستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي مقامي راندين جا نالا ٻُڌائيءِ راند جي اهميت کان آگاهي ڏئي.

سَبَقُ اوڻيھون

# بينظير ڀٽو شهيد

**سکيا جي حاصلات**

- نون لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- هڪ منٽ ۾ 60 لفظ درست اُچارن سان پڙهي سگهي
- بصري لفظ سڃاڻي لکي سگهي.
- ڪابہ تصوير ڏسي ان بابت پنج جملا لکي سگهي.
- ڪنهن بہ موضوع تي پنج کان ست جملا لکي سگهي.



بينظير ڀٽو ٢١ جون ١٩٥٣ع تي سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ ڄائي. هوءَ پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي جي وڏي ڌيءَ هئي.

هوءَ ننڍپڻ کان سهڻي ۽ گُلابي رَنگت واري هئي، جنهن ڪري ڪيس خاندان وارا پيار مان ’پِنڪِي‘ سڏيندا هئا. هوءَ ڏاڍي ذهين ۽ سُلجهِي هئي.

بينظير ڀٽو شروعاتي تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي.هوءَ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪوهہ مريءَ جي هڪ مشهور اسڪول ۾ داخل ٿي. هوءَ اعليٰ تعليم لاءِ ولايت وئي، جتان وڏا امتحان پاس ڪيائين.

بينظير ڀٽو پنهنجي پڙهائي پوري ڪري ملڪ واپس اچي، سياست ۾ حصو ورتو. سال ١٩٨٨ع جي عام چونڊن ۾ هوءَ اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزير اعظم بڻي.

بينظير ڀٽو پاڪستان جِي ٻہ ڀيرا وزيراعظم ٿي. هن پنهنجي مُلڪ جي خوشحاليءَ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. هُن ملڪ ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ تمام گهڻا ڪم ڪيا.

بينظير ڀٽو غريبن جي مددگار ۽ هڏڏوکي هئي. هوءَ ملڪ جي غريب عورتن جي ڪَچن گهرن ۾ وڃي، سندن ڏک سُورَ ٻڌندي



هُئي. هن عورتن جي ڀلائيءَ جا
ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا،
جيڪي اڃا تائين هلي رهيا
آهن. اهڙيءَ طرح هن سڄي
حياتي پنهنجي ملڪ ۽ عوام
جي خدمت ڪندي گذاري.

بينظير ڀٽو ڪي ٢٧ ڊسمبر ٢٠٠٧ع تي راولپنڊيءَ شهر ۾ شهيد ڪيو ويو. سندس آخري آرامگاهه اباڻي قبرستان ڳڙهي خدابخش، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي.

## مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) بينظير ڀٽو ڪٿي ڄائي؟
(ب) بينظير ڀٽو شروعاتي تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟
(ج) اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم ڪير هئي؟
( د) بينظير ڪيترا ڀيرا پاڪستان جي وزيراعظم بڻي؟
(هه) بينظير ڀٽو شهيد جي آخري آرامگاهه ڪٿي آهي؟

٢- هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهو ۽ سمجهو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اڳوڻو | اڳاڻو | ڀلائي | چڱائي |
| ولايت | پرڏيهه | جاکوڙ | ڪوشش |
| هڏ ڏوکي | مددگار | خوشحالي | آسودگي |

اُستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي بينظير ڀٽو شهيد بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

۳- هيٺ ڏنل لفظ هڪ منٽ ۾ درست اُچار ۽ روانيءَ سان پڙهو:

پِٽ - سُک - گُلُ - نِنڊ - شام - عِيد - کِيرُ - سير - ماڳ - ڳوٺ - گهوٽ - ماڻهو - ميلو - ڪاڏو - گهر - امڙ - پنڌ - ڪتاب - دنيا - سفر - وقت -سُڪار - شاعر - ڄمار - ڏينهن - مثال - صبح - سانجهي - مڻائي - دڪان - ڪارڪون - سُرهاڻ - تندرستي - محنت - آزادي - غريب - حياتي - اباڻو - وزير - سهٽي - پڙهڻ - ذهين - ڀلائي - عوام - قلم - ميوا - اناج - صاف - ولايت - ماحول - حاصل - امتحان - خدمت - چُست - مددگار - مشهور - سادو- رانديڪو - بيت - بهار

۴- هيٺ ڏنل لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

مون کي ____________

توکي ____________

هُن کي ____________

اسان کي ____________

سيني کي ____________

۵- تصوير ڏسِي ان بابت پنج جملا لکو.



۶- بينظير ڀٽو شهيد بابت ڪجهه جملا لکو.

أستاد لاءِ هدايت: أستاد ٻارن کي واري واري سان سرگرمي نمبر ۳ ۾ ڏنل لفظ پڙهڻ لاءِ چئي ۽ هڪ منٽ ۾ پڙهيل درست لفظن جو تعداد ڳڻي ۽ لکي.

سَبَقُ ويهون

# ريل گاڏي


**سکيا جي حاصلات**

- سبق بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان چئن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- بصري لفظ سڃاڻي لکي سگهي.
- هاڪاري ۽ ناڪاري، سوالي ۽ بياني جملا ڻاهي ۽ پڙهي سگهي.
- عوامي جڳهين روڊن رستن تي ڏنل هدايتون پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا رواني؛ سان مناسب لهجي ۾ ڳالهائي سگهي.

آڳاٽي زماني ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين وڃڻ لاءِ ماڻهو گهوڙن، اُٺن، گڏهن ۽ ڏڳي گاڏين تي سفر ڪندا هئا. اُن ۾ گهڻو وقت لڳي ويندو هو. پر هاڻي اڄ وچ جا ڪيترائي وسيلا موجود آهن. انهن مان ريل گاڏي بہ هڪ وسيلو آهي. ريل گاڏي ٿوري وقت ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين پهچائي ٿي.

ريل گاڏيءَ ۾ انجڻ ۽ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ ڪيترائي گاڏا هوندا آهن. ريل گاڏيءَ کي انجڻ ڇڪيندي آهي. اڳي انجڻ ٻاڦ تي هلندي هئي، پر هاڻي ڊيزل ۽ بجليءَ تي هلي ٿي. ريل گاڏي لوهہ جي پٽڙين تي هلندي آهي.

مسافر ريل گاڏين کان سواءِ مال گاڏيون بہ ٿينديون آهن. مال گاڏيون وڏا ۽ ڳرا سامان کڻي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين رَسائينديون آهن. ريل گاڏيءَ جي انجڻ



جارج اسٽيفنسن نالي هڪ سائنسدان ايجاد ڪئي.

اسان جي ملڪ ۾ پهرين ريل گاڏيءَ جي پٽڙي ڪوٽڙيءَ ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ وڇائي ويئي. ان ڪان پوءِ سڄي ملڪ جي شهرن کي ريل جي پٽڙيءَ وسيلي ڳنڍيو ويو.

اڄ به ماڻهو سير ۽ سفر جي جديد سهولتن هوندي به ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪن ٿا.

## مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) آڳاٽي زماني ۾ ماڻهو ڪيئن سفر ڪندا هئا؟

(ب) ريل گاڏيءَ جي انجڻ ڪهڙي سائنسدان ايجاد ڪئي؟

(ج) اسان جي ملڪ ۾ پهرين ريل جي پٽڙي ڪٿي وڇائي وئي؟

(د) ريل گاڏيءَ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

(هه) ريل گاڏيءَ کان سواءِ سفر ڪرڻ لاءِ ٻيا ڪهڙا ذريعا آهن؟

٢- هيٺ ڏنل بياني جملن کي سوالي جملن ۾ بدلايو:

جيئن: ٻڪي اُڏامن ٿا - ڇا ٻڪي اُڏامن ٿا؟

- ٻار ڪرڪيٽ کيڏن ٿا. ______________________
- مهراڻ سبق لکي ٿو. ______________________
- مارئي آکاڻي پڙهي ٿي. ______________________
- طوطو ٻولي ٿو. ______________________

## ٣ ـ هيٺ ڏنل لفظ پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو:

تنهنجو ________________

منهنجو ________________

ڪي ________________

تي ________________

جي ________________

جو ________________

جا ________________

## ٤- درست جواب تي دائرو لڳايو:

(الف) ريل گاڏي هلندي آهي:

1- روڊ تي 2- پاڻيءَ تي 3-لوهه جي پٽڙين تي

(ب) سڀ کان تيز سواري آهي:

1- بس 2-ريل گاڏي 3- جهاز

ٻارو، ڇا توهان ڪڏهن ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪيو آهي؟ مختصر ٻڌايو.

أستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي عوامي جڳهين، روڊن رستن تي لکيل هدايتن جي اهميت بابت آگاهي ڏئي.

سَبَقُ ايڪيهون



- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- عبارت بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان ڇهن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- بصري لفظ سڃاڻي لکي سگهي.
- لفظ چونڊي جملا مڪمل ڪري سگهي
- ڪنهن به عام موضوع تي پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.

# ڪينجهر ڍنڍ جو سير



اسان جي اسڪول جي ٻارن کي هر سال ڪنهن مشهور هنڌ جو سير ڪرايو ويندو آهي. هن دفعي اسان گڏجي ڪينجهر ڍنڍ گهمڻ جو پروگرام ناهيو.

آچر جي ڏينهن سيئي شاگرد اسڪول ۾ سوير پهچي ويا. بس آئي ته استاد، شاگردن کي هدايت ڪئي ته سڀ شاگرد قطار ناهي بَسِ ۾ چڙهو. جڏهن شاگرد ۽ اُستاد بس ۾ ويٺا ته بَسِ ڪينجهر طرف رواني ٿي.

شهزاد: سائين، ڪينجهر ڍنڍ تي اِهو نالو ڪيئن پيو؟

استاد: چون ٿا ته ڪينجهر نالي هڪ مهاڻو هو، جيڪو اُتي رهندو هو. سندس نالي جي پٺيان هن ڍنڍ تي اهو نالو پئجي ويو. هيءَ ڍنڍ ٺٽي ضلعي ۾ آهي.

نعيم: سائين، هي ننڍين ٽڪرين جي وچ ۾ ڪهڙو شهر آهي؟

استاد: ٻارو، اهو سنڌ جو هڪ تاريخي شهر جِهرڪ آهي. بس اڳتي هلي ته هڪ وڏو قبرستان ڏسڻ ۾ آيو. استاد ٻڌايو ته هي ’سوندا‘ جو قبرستان آهي.

سورٺ: سائين، اهي وڻ ڪهڙي شهر جا پيا ڏسجن!

استاد: اِهي وڻ ڪينجهر ڍنڍ جا آهن.

مُومل: هتي تہ رڳو پاڻي ئي پاڻي آهي.

استاد: ها، هيءَ ڍنڍ سنڌ جي مِٺي پاڻيءَ جي ٻيو نمبر وڏي ڍنڍ آهي.
ڪينجهر تي پهچي، استاد اسان سڀني لاءِ ٽڪيٽ ورتي ۽ اسان ڪينجهر ڍنڍ جي بند تي اچي پهتاسون.

اسلم: سائين، پاڻيءَ اندر هي ڪهڙيون گاڏيون پيون هلن؟



استاد: هي گاڏيون نہ، پر ٻيڙيون ۽ لانچون آهن، جيڪي پاڻيءَ تي ترن ٿيون. هاڻي اچو تہ ٻيڙيءَ تي چڙهي ڪينجهر ڍنڍ جو سير ڪريون.
استاد ٻڌايو تہ هيءَ ڍنڍ ڇهہ ڪلوميٽر ويڪري ۽ چوويهہ ڪلوميٽر ڊگهي آهي. ڪراچي شهر کي پيئڻ جو پاڻي بہ هن ڍنڍ مان ملي ٿو. ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ سامهون هڪ قبر آهي. اها چون ٿا تہ سنڌ جي نوري نماڻيءَ جي قبر آهي.

مُومل: سائين، نوري ڪير هئي؟

استاد: نوري هڪ مُهاڻي هئي. اُن جو سگهہ ڄام تماچي بادشاهہ، مهاڻن کان ورتو ۽ نُوريءَ سان شادي ڪيائين. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بہ نُوري ڄام تماچيءَ جو داستان ڳايو آهي.

اسلم: سائين، اها سامهون ڪهڙي عمارت نظر پئي اچي؟
استاد: اها مشهور هوٽل آهي. هلو تہ اتي هلي ڪجهہ
ڪائون پيئون.
شهزاد: سائين، هي جايون ڪنهن جي لاءِ ناهيون ويون آهن؟
استاد: اهي جايون سرڪار سياحن جي رهائش لاءِ ٺهرايون آهن.
ٻارو، هاڻي شام ٿي چڪي آهي. بس ۾ ويهو تہ پنهنجي
شهر ڏانهن هلون.

## مشق

١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اسڪول جي ٻارن ڪهڙي ماڳ جو سير ڪيو؟
(ب) اوهان کي ڪينجهر ڍنڍ ڪيئن لڳي؟
(ج) توهان ڪهڙين تفريحي جاين جو سير ڪيو آهي؟
انهن جا نالا ٻڌايو.

٢- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سياح | | قطار | |
| سير | | مشهور | |
| داستان | | سَگُ | |

٣- هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب لفظ چونڊي جملا پورا ڪريو:

| سير | بس | مڃي | ڪاٺ | نوري |
|---|---|---|---|---|

- اسان کي ______ سفر ڪرڻ گهرجي.
- مهاڻو ______ ڦاسائي ٿو.
- ٻار ______ ۾ چڙهيا.
- ٻيڙيون ______ جون ٺهيل هونديون آهن.
- شاهہ لطيف ______ کي پنهنجي ڪلام ۾ ڳايو آهي.

۴- هيٺ ڏنل لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | جملا |
| --- | --- |
| ڪيترو | |
| هيڏانهن | |
| ڪٿي | |

۵ ـ ڪينجهر ڍنڍ جي سير بابت مختصر احوال لکي ٻڌايو.

٦- لفظن کي مناسب تصويرن سان ملايو:

| لفظ | تصوير |
| --- | --- |
| اسڪول |  |
| اسپتال |  |
| پارڪ |  |
| خطرو |  |

## ٧ - عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏيو:

منڇر ڍنڍ، سنڌ جي مشهور ڍنڍ آهي. ان ۾ درياهہ ۽ جبلن کان پاڻي ايندو آهي. ڍنڍ ۾ مڇي بہ ٿيندي آهي ۽ پکي بہ ايندا آهن. پري پري کان ماڻهو ڍنڍ گهمڻ ايندا آهن. هن ڍنڍ ۾ ٻيڙيون بہ هلن ٿيون. اسان کي گُهرجي تہ ڍنڍ ۾ گند ڪچرو نہ اڇلايون. ان سان پاڻي گدلو ٿئي ٿو ۽ ساهَوارن کي بہ نقصان رسي ٿو.

ٻُڌايو تہ:

(الف) سنڌ جي مشهور ڍنڍ ڪهڙي آهي؟

(ب) ڍنڍ ۾ پاڻي ڪٿان ايندو آهي؟

(ج) ڍنڍ ۾ گند ڪچرو اڇلائڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

(د) ڍنڍ جي پاڻيءَ کي ڪيئن صاف رکڻ گهرجي؟

(هہ) ڍنڍ تي ٻيڙيون ڇو هلنديون آهن؟

## ٨ - ياد رکو تہ:

- ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي ضلعي ۾ آهي.
- منڇر ڍنڍ ڄام شوري ضلعي ۾ آهي.
- منڇر ڍنڍ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي.

أستاد لاءِ هدايت:
- ٻارن کي ڪينجهر ڍنڍ بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.
- أستاد ٻارن کي سرگرمي نمبر ٧ ۾ ڏنل عبارت پڙهڻ لاءِ چئي ۽ سوالن جا جواب لکرائي.

سَبَقُ ٻاويهون

# پيارو پيارو پاڪستان

## سکيا جي حاصلات

- سادا نظم پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- بيت سر ۾ لئہ سان پڙهي لطف حاصل ڪري سگهي.
- پنهنجي پسند جي نظم بابت وضاحت ڪري سگهي.
- نظم پڙهي شين ۾ ڪردارن جا نالا ٻڌائي سگهي.
- گهر ۾ اسڪول اندر نظم و ضبط جو مظاهرو ڪري سگهي (جيئن قطار ٺاهڻ، پنهنجي شين کي ترتيب سان رکڻ).
- اضافي مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهي.
- سُڌ سماءَ جي ذريعن (ريڊيو، ٽي - وي، انٽرنيٽ وغيره) تي پسند جا پروگرام ڏسي سمجهي سگهي.

سائي اوچي جهنڊي وارو،
چمڪي جنهن ۾ چنڊ ۽ تارو،
جان ڪان پيارو، پيارا ٻارو!
پيارو پيارو پاڪستان.

مُلڪن ۾ آ مانُ انهيءَ جو،
سڀ ڪان اوچو شانُ اُنهيءَ جو،
ساري جڳ ڪان نِيارو نِيارو،
پيارو پيارو پاڪستان.

مزور اُن جا محنت وارا،
هاري اُن جا همت وارا،
ساوڪ وارو سُهڻو سارو،
پيارو پيارو پاڪستان.

'ساز' ملاڪاتياري



## مشق

١- ٻڌايو ته:

(الف) هن بيت مان توهان کي ڪهڙو شعر وڌيڪ وڻي ٿو؟
(ب) جيڪو شعر توهان کي وڌيڪ وڻي ٿو اهو ڇو ٿو وڻي ؟
(ج) اسين پنهنجي وطن جو مانُ ۽ شانُ ڪيئن وڌائي سگهون ٿا؟

٢- هن نظم ۾ جن شين ۽ ڪردارن جا نالا آيا آهن، اُهي لکو:

٣- هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ لکو:

اُوچي- جان - پيارو- مانُ - مُلڪن- شانُ

- نيارو- ساوڪ - چنڊُ - همت - سُهٽو

٤- اوهان کي ڪو ٻيو بيت ياد هجي تہ ٻڌايو:

٥- توهان پنهنجي گهر ۽ اسڪول ۾ پنهنجي شين کي ترتيب سان رکڻ ۽ سنڀال بابت ڪي ٻہ سَت جُملا لکو:

٦- ٻارو، د رسي ڪتابَ کان سواءِ اوهان ٻيا ڪهڙا ڪهڙا ڪتابَ يا رسالا پڙهيا آهن؟ انهن با بت ٻڌايو:

٧- ٽيليويزن تي اوهان کي جيڪو ڊرامو يا پروگرام وڻندو آهي، ان بابت ٻڌايو.

أستاد لاءِ هدايت:
- ٻارن کي بيت زباني ياد ڪرائي ۽ ڪورس ۾ سُر سان ٻڌي.
- استاد ٻارن کي اضافي مطالعي بابت سمجهائي ۽ ڪانئن پڙهيل ڪتابن جا نالا پُڇي.

### سَبَقُ ٽيويهون

# سياڻي ڇوڪري

**سکيا جي حاصلات**

- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.
- ڪنهن تفصيلي ڳالهه ٻولهه تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.
- پاڻيءَ جي اهميت بابت پنجن کان ست جملا لکي سگهي.
- پاڻي، بجلي ۽ گئس جي بچت بابت ڄاڻي سگهي.



**ثنا:** نِدا، تو هي رڌڻي ۾ پاڻيءَ جو نلڪو ڇو کولي ڇڏيو آهي؟

**نِدا:** اَدي، مون کان ڳالهه وِسري وئي. آءٌ اِجهو ٿي بند ڪريان.

**ثنا:** اَلا، ڪيترو نہ پاڻي زِيان ٿي ويو آهي! اسان کي پاڻيءَ جو قدر ڪرڻ گُهرجي.

**نِدا:** اَدي ٿُون بلڪل سچ پئي چَوِين، ٻيهر اهڙي غَلطي نہ ڪنديس.

**ثنا:** شاباس! هر شيءِ ۾ بچت ڪَرڻ گُهرجي. بچت ڪرڻ تمام سُٺي عادت آهي، ائين ڪَرڻ سان اسان ڪڏهن بہ ڏکيا نہ ٿينداسين.

**نِدا:** اَدي، ٻِيون وَري ڪَهڙيون شَيون آهن، جن ۾ بَچت ڪَرڻ گُهرجي؟



**ثنا:** ادي، ڪمري ۾ ڪير نہ هُجي تہ بَلب ۽ پَکو بند ڪَرڻ گهرجي. جيئن بجلي زيان نہ ٿئي. گئس جو چُلهو بہ اَجايو نہ ٻارِجي. اهڙيءَ طَرحَ ٻين شين جي بچت ڪَرڻ گُهرجي.

**نِدا:** ڪاڏو بہ پيٽ ڀَري نہ کائجي ڇا؟

ثنا: ڪاڌو پَلي ڪائجي پَر اجايو اوبر ڪري ڦِٽو نہ ڪَجي. جيتري ضرروت هُجي ڪاڌو اوترو رَڌجي ۽ ڪائجي.

نِدا: توهان ڏاڍيون سُٺيون ڳالهيُون ٻُڌايون. هاڻي آءٌ اڳِتي اِئين ڪنديس.

## مشق

١- ٻڌايو تہ:

(الف) نِدا ڪان ڪهڙي ڳالهہ وسري وئي؟

(ب) بجلي ڪيئن بچائجي؟

(ج) پاڻيءَ جو استعمال ڪيئن ڪجي؟

(د) گئس جي بچت ڪيئن ڪجي؟

٢- هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ لکو:

نلڪو - پاڻي - زيان - غلطي - بچت - بجلي - عادت - اِجهو

٣- ’پاڻيءَ جي اهميت‘ بابت پنج جُملا لکو:

٤- ياد رکو تہ:

- پاڻيءَ جو نلڪو کُليل نہ ڇڏجي.
- گهر يا ڪمري ۾ ڪير نہ هجي، تہ بلب ۽ پکو بند ڪجي.
- گئس جو چُلهو اجايو نہ ٻارجي.
- ڪاڌو اوبر نہ ڪجي.
- اجايو خرچ نہ ڪجي.

## سَبَقُ چوويهون


# رانديون

### سکيا جي حاصلات

- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي راند بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا رواني ۽ سان ٻڌائي سگهي.
- تصوير ڏسي سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- مليل هدايتون ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- لفظن جا ضد لکي سگهي.
- رانديون ۾ حصو وٺي سگهي.
- 70 کان 80 سيڪڙو بي معنيٰ درست لفظ پڙهي سگهي.
- پنهنجي پسند جي راند يا ڪنهن موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا رواني ۽ سان مناسب لهجي ۾ ڳالهائي سگهي






















## مشق

١- ٻُڌايو ته:

(الف) تصويرن موجب ٻار ڪهڙيون ڪهڙيون راندیون ڪيڏي رهيا آهن؟

(ب) راندين ڪيڏڻ جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن؟

(ج) ڏنل تصويرن مان توهان کي ڪهڙي راند پسند آهي ۽ ڇو؟

٢- لفظ پڙهو ۽ لفظن جي اڳيان (بي) اڳياڙي لڳائي نوان لفظ ٺاهي لکو:

جيئن: بي + جان = بيجان

_____ + ڪار = __________ ، _____ + شمار = __________

_____ + هوش = __________ ، _____ + حد = __________

اُستاد لاءِ هدايت: تصويرن ۾ ڏنل راندين جي ڄاڻ ڏئي ۽ انهن بابت گفتگو ڪرائي.

۳- هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو:

| لفظ | ضد |
|---|---|
| سنئو | |
| چست | |
| نئون | |

۴- هيٺ ڏنل تصويرون سڃاڻو ۽ راندين جا نالا لکو:









۵- ”ڪرڪيٽ راند“ بابت پنج جملا پنهنجي ڪلاس ۾ ٻڌايو:

٦- هيٺ ڏنل بي معنيٰ لفظ هڪ منٽ ۾ پڙهو:

باٽ - جاس - چوڄ - واظ - ڊاڍ - ديڄ - نيم - قگو - شاٺ - ازو -
ڏيڪ - ڏاپ - زڪو - صوش - طاٽ - صاق - ڪاص - توع - غاط -
عيڃ - ضاجھ - اوي - نيٺ - ڍان - ٻاد - چاڄ - عوت - توج - موذ - ٿوپ

۷- سرگرمي: استاد ڏنل راندين مان ڪابہ هڪ راند ٻارن کي کيڏائي.

أستاد لاءِ هدايت: • ٻارن کي واري واري سان سرگرمي نمبر ٦ ۾ ڏنل بي معنيٰ لفظ هڪ منٽ ۾ پڙهڻ لاءِ چئي ۽ درست پڙهيل لفظن جو تعداد ڳڻي لکي.

## سَبَقُ پنجويهون

# پيچُ پرولي (بيت)

### سکيا جي حاصلات

- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- بيهڪ جي نشانين (پورو دم، ٿورو دم، سوال جي نشاني) جو درست استعمال ڪري سگهي
- پروليءَ بابت سوالن جا سادا جواب ڏئي سگهي.
- لطيفا، شعر ۽ پروليون ٻڌائي سگهي.



هيڏڙو هيڏڙو پاڻ،
جنهن کي سو سُين ساڻ!
جيڪو آهي سُجاڻ،
سو ٻجهي پرولي هاڻ.



اُس ۾ آءٌ اچان ٿو،
ڇانءَ ۾ آءٌ ٻچان ٿو،
ادڙي ادڙا! ٿوڪان،
پنهنجو ناءُ پُڇان ٿو!



ويري آهي اوندهه جو،
رات سڄي هو جاڳي ٿو،
سارو ڏينهن سُتو پيو آهي،
اوهين ٻُڌايو ڇا هي سو؟



ڪِچي ڪاچي، رڌل ڪاچي،
اچي ڪُڪڙ، سائو پُڇُ،
سانڌاڻو ٻه ٿهي ان جو،
پيارا ٻالڪ! هاڻ ته ڪُڇُ!

**اُستاد لاءِ هدايت:** استاد ٻارن کي پروليءَ بابت سمجهائي ۽ ڏنل پرولين جي پيڄٽيءَ ۾ مدد ڪري.

# مشق

١- ٻُڌايو تہ:

(الف) هنن پرولين مان اوهان کي ڪهڙي پرولي وڻي تي؟

(ب) ٻي پرولي ڇا بابت آهي؟

(ج) توهان کي ڪا پرولي ياد هجي تہ ٻڌايو؟

٢- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نانءُ | | ٻالڪ | |
| سانڍاٽو | | ڪُڇُ | |
| ويري | | سُڄاڻ | |

٣- سبق ڏسي هيٺ ڏنل پروليءَ ۾ بيهڪ جي نشانين جو استعمال ڪريو:

- ڪَڇِي ڪاڄي رڌل ڪاڄي
اچي ڪُڪڙ سائو پُڇُ
سانڍاٽو ٻہ ٺهي ان جو
پيارا ٻالڪ هاڻ تہ ڪُڇُ

۴- پرولي پيجو ۽ لکو:

اُس ۾ آئُ اچان تو،
ڇانءَ ۾ آئُ ڀڄان تو،
اڏڙي اڏڙا! تـوکـان،
پنهنجو نانءُ پُڇان تو!


۵-سبق ۾ ڏنل پرولين کان سواءِ توهان کي ٻي ڪا پرولي ياد هجي تہ ٻڌايو.

سَبَقُ چويهون

# گدڙ ۽ ٻگهه پکي (آکاڻي)

**سکيا جي حاصلات**

- آکاڻي پڙهي متن ۽ ڪردارن جا نالا لکي سگهي.
- آکاڻي ٻڌي ان مان مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- آکاڻي جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي.
- سادا لفظ ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- پنهنجي پسند جي آکاڻي يا نظم ٻڌائي سگهي.



هڪ گدڙ ۽ ٻگهه پکيءَ جي پاڻ ۾ دوستي هئي. هڪڙي ڏينهن گدڙُ ٻگهه پکيءَ وٽ آيو ۽ کيس اڄي دعوت ڏنائين. چيائينس ته ”ادا ٻگهه، اڄ شام جو ماني اچي مون وٽ کاءُ.“ شام جو ٻگهه پکي گدڙ وٽ ويو. گدڙ چا ڪيو، جو هڪ تراڪڙيءَ ٿالهيءَ ۾ کير وجهي، آڻي ٻگهه جي اڳيان رکيائين. ٻگهه جي ڊگهيءَ چهنب جي نوڪ کير ۾مَس مَس ٿي ويئي. ويچاري پِيئڻ لاءِ ڏاڍا وس ڪيا، پر نصيب ڪجهه نه ٿيس. گدڙ به ساڳيءَ ٿالهيءَ مان کير پئي پِيتو، تنهن جلدي ۾ لڪ لڪ ڪري، سڄي ٿالهي چٽي ڪٽي صاف ڪئي.

جڏهن ٻگهه گهر موٽي آيو، تڏهن دل ۾ چيائين ته، ”اڄ گدڙ مون سان ڏاڍي جُٺِ ڪئي آهي.“ ڪجهه ڏينهن گذريا ته ٻَگُهه به بدلي وٺڻ لاءِ گدڙ جي دَعوت ڪَئي. ٻگهه چا ڪيو، گوشت جو قِيمو ڪُٽائي، ان ۾ مِرچ مصالحا وِجهي، تِيار ڪَرايائين. هڪڙي سوڙهي ۽ ڊگهي ٻِچيءَ واري گهُگهِي گُهرائي، تنهن ۾ قيمو وجهي، آڻي اڳيان رکيس، ۽ چيائين ته ”ادا گدڙ، اڄ ته کائون!“ گهگهيءَ جي ٻِچي سوڙهي هئي، سو

يلا گدڙ جو ٻُوت ان ۾ ڪيئن گهڙي سگهي، ٻگهہ ڪي تہ مزو اچي ويو. تنهن پنهنجي ڊِگهي ۽ سَنهي چُهنب گُهگهيءَ ۾ وِجهي، ڪائِي خُوب ڏڍُ ڪيو، ۽ گدڙ ويني ٻاٽُون ڪاڍيون.

آخر جڏهن ٻَگهہ ڪائي بَس ڪئي، تَڏهن گِدَڙُ موڪلائي اُتي هَليو ويو. دل ۾ چيائين تہ "ٻيلي ٻگهہ تہ مون ڪان بہ وڌيڪ سياڻو آهي، جنهن مون سان اهڙي جٺ ڪئي آهي!." سچ آهي تہ، "جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي."

# مشق

## ١- ٻُڌايو تہ:

(الف) گدڙ، ٻگهہ پکيءَ جي ڪاڻ لاءِ ڇا ڪٽي آيو؟

(ب) ٻگهہ پکيءَ اها شيءِ ڇو نہ کاڌي؟

(ج) ٻگهہ پکيءَ، گدڙ کان بدلو وٺڻ لاءِ ڇا ڪيو؟

(د) گدڙ دل ۾ ڇا سمجهيو؟

## ٢- پَڙهو ۽ لِکو:

جُٺِ ـ خُوب ـ ٻيلي ـ ٻُڇيءَ ـ گهُگهي ـ نوڪ ـ ٻَگهُ ـ تراڪڙي ـ چُهنب ـ ٿالِهي

## ٣- هيٺين ٻن يا ٽن پدن وارا لفظ پڙهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

دَعوت ______________________________

ڪيرُ ______________________________

دِل ______________________________

پَکي ______________________________

سِياڻو ______________________________

## ٤- اوهان کي ڪا آکاڻي ياد هجي تہ ٻڌايو.

استاد لاءِ هدايت: • ٻارن کي آکاڻيءَ جي پس منظر ۾ 'جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي'، جو مطلب سمجهائي.
• ٻارن جي وندر ۽ دلچسپيءَ مطابق ڪا ٻِي آکاڻي لکرائي.

### سکيا جي حاصلات

- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي دُرست آوازن ۽ اُچارن کي ٻڌي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق کي درست اُچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- ڪابہ تصوير ڏسي ان بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.

## سَبَقُ ستاويهون

# جانورن جو باغ



آچر ڏينهن اسين پنهنجي پيءُ سان گڏ جانورن جو باغ گهمڻ ويا سين.

ٽڪيٽ وٺي باغ ۾ گهڙيا سين. پهرين رڇ ڏٺو سين. ٿورو اڳتي هليا سين تہ پولڙا جهولن ۾ لُڏي ۽ ٽپا ڏئي رهيا هئا.



اجا اڳتي وڌيا سين تہ لُومڙ، گِدڙ، بَگهڙ پڃرن ۾ هلي رهيا هئا. اُتي هرڻن جا پڻ ڪيترائي قِسم هئا. اوچتو پَريان شينهن کي ڏٺو سين، جيڪو گجگوڙ ڪري رهيو هو.







هڪ ٽَلاءَ ۾ بَدڪُون ٽَري رهيون هيون ۽ ٻَگهه پَڪي گُهمي رهيو هو. ٻِئي ٽَلاءَ ۾ وري واڳُون هئا.

ڪِن پڃرن ۾ مور، ڊيلَ ۽ قِسمين قِسمين رنگين طوطا، ڳيرا ۽ ڪَبُوتَر هئا. ڪِن ۾ رَنگ برنگي وِلايتي ڪُڪڙيون ٻه ڏسڻ ۾ آيون.

جانورن جي باغ گُهمڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو. گُهمي ڦِري مَنجهند جو گهر آيا سين.



# مشق

١- ٻُڌايو تہ:

(الف) باغ ۾ ڪهڙا ڪهڙا جانور هئا؟

(ب) جهولن ۾ ڪهڙا جانور لُڏي رهيا هئا؟

(ج) شينهن ڇا ڪري رهيو هو؟

(د) تلاءَ ۾ ڪهڙا پکي هئا؟

٢- هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ لکو:

هرڻ - اوچتو - شينهن - پڃرو - قسم - رِڇ - ڳجگوڙ - باغ

٣- ڪهڙا ڪهڙا جانور ڪير ڏين ٿا؟

٤- اُٺ، گهوڙا ۽ گڏهہ ڇا جي ڪم ايندا آهن؟

٥- اوهان باغ جو سير ڪيو هجي تہ اُن بابت ٻُڌايو.

٦- ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ تير سان ملايو:

| | |
|---|---|
| ڏِڳي | سياٽو |
| عقل | ٿڌ |
| ڏاهو | سمجهہ |
| سيءُ | ڳئون |


## سکيا جي حاصلات

- پنهنجي پسند جي ڪنهن جانور، پکي، شيءِ يا راند بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- ڪردارن ۽ شين بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- آکاڻي ٻڌي گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان ڇئن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- جملي ۾ لفظن جي باهمي ربط کي سمجهي پڙهي سگهي.
- سبق ۾ ڏنل تصويرن جي مدد سان واقعن بابت اڳڪٿي ڪري سگهي.
- لفظن جون واحد ۽ جمع صورتون ٺاهي سگهي.

### سَبَقُ اناويهون

# لالچي ڪُتو

(تصويري ڪهاڻي)




**اُستاد لاءِ هدايت:** ٻارن کي تصويرون ڏيکاري آکاڻي بابت پڇي ۽ آکاڻي مڪمل ڪرائي. آکاڻيءَ ۾ موجود شين ۽ ڪردارن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪرائي.

مفت ورهاست لاءِ

# مشق

۱- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) تصوير نمبر 1 ۾ ڪُتي جي وات ۾ ڇا نظر اچي پيو؟
(ب) تصوير نمبر 2 ۾ ڪُتي کي پاڻيءَ ۾ ڇا نظر پيو اچي؟
(ج) تصوير نمبر 3 ۾ هڏو ڪِٿي ڪري رهيو آهي؟
(د) تصوير نمبر 4 ۾ ڪُتو ڇا ڪري رهيو آهي؟
(هہ) آکاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

۲- هيٺ ڏنل لفظن جا واحد ۽ جمع لکو:

| واحد | جمع |
|---|---|
| | ڪهاڻيون |
| نصيحت | |
| | پاڇا |
| هڏو | |

۳- هيٺ ڏنل لفظن مان خال ڀريو تہ جيئن جملا مڪمل ٿين ۽ ڪهاڻي بہ مڪمل ٿئي:


(هَڏو - ڀيوڪُتو - پاڇو - ڪُتو)

(الف) هِڪڙو هو ........................
(ب) اُن جي وات ۾ ........................ هو.
(ج) اُن پاڻِيءَ ۾ پنهنجو .....................ڏٺو.
(د) ان کي لڳو تہ پاڻيءَ ۾ هِڪ .........................بہ آهي.
(هہ) ۽ اُن جي وات ۾ بہ ................................ آهي.
(و) اُن ٻئي ڪُتي کان ........................ ڳسڻ پئي چاهيو.

اُستاد لاءِ هدايت: ٻارن کان سندن پسند جي آکاڻي پُڇي.

۴- هيٺ ڏنل تصويرون ڏسو ۽ آکاڻيءَ جي ترتيب مطابق عدد ڏيو:









۵- ياد رکو ته: هن آکاڻيءَ مان نصيحت ملي ٿي ته: ’لالچ بُري بلا‘ آهي.

**سکيا جي حاصلات**

- لفظن جي معنيٰ سمجهي لکي سگهي.
- لفظن جا ضد لکي سگهي
- سادا جملا ٻڌي، سمجهي، لکي سگهي.
- مناسب لفظن سان خال ڀري سگهي.
- گهر ۽ اسڪول مان مليل هدايتن کي بيان ڪري سگهي.
- زندگيءَ جي بنيادي آدابن ۽ سٺين عادتن جو اظهار ڪري سگهي.

## سَبَقُ اوڻٽيهون

# ياد ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون

- الله سائينءَ کي هرهنڌ حاضر ڄاڻو.
- ماءُ پيءُ، اُستاد ۽ وڏن جو احترام ڪريو
- پينگهي کان قَبر تائين عِلم پرايو.
- ننڍن سان پيار ڪريو.
- سدائين سَچُ ڳالهايو.
- غريبن جي سار لهو.
- پاڙيسرين جو خيال ڪريو.
- سدائين صاف سٿرا رهو.
- هر ڪم وقت تي ڪريو.
- جانورن تي ڪهل ڪريو.

## مشق

١- هيٺ ڏنل لفظن جا ضِد لکو:


| | |
|---|---|
| غريب | |
| ننڍن | |
| سُٺو | |
| هيٺ | |
| پري | |

## ٢- مناسب لفظن سان خال ڀريو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| احترام | ڪهل | سُترا | سار | وقت |

* ماءُ پيءُ، اُستاد ۽ وڏن جو............ ڪريو.
* غريبن جي ........... لهو.
* سدائين صاف .............. رهو.
* جانورن تي ................. ڪريو.
* هر ڪم ........... تي ڪريو.

## ٣- سُجاڻي نالا ٻُڌايو:








أستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي سٺين ڳالهين بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

## سبَقُ ٽيهون

# دُعا

### سکيا جي حاصلات

- نظم، سُر ۽ لئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ٻڌائي سگهي.
- سادا نظم پڙهي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ادا ڪري سگهي.
- هم آواز لفظن کي پڙهي سگهي.
- زندگيءَ جي بنيادي آدابن ۽ سٺين عادتن جو اظهار ڪري سگهي.



اسان کي تُون سائِين، سدائين خدايا!
ڪرم سان اُپائين، نِپائين خدايا!

جِيارين تُون مارِين تون، آهين تُون مالڪ،
تُون ئي رِزق سڀ کي، رَسائين خدايا!

نہ مَٽ تُنهنجو مولا، تُون بي مثل آهين،
اسين تُنهنجا ٻانها، تُون سائين خدايا!

ڏِسين ٿو پَسين ٿو، تُون هر جاءِ اسان کي،
تون شل واٽ پنهنجي، پَسائين خدايا!

ڪريُون علم حاصل، چَڱو ڪر اسان کي،
جوانيءَ کان پيريءَ تائين خدايا!

ڪريُون تُنهنجي در تي ٿا، هي عرض سائين،
ڪَڪرُ شل ڪرم جو، وَسائين خدايا!

- مرزا قليچ بيگ

اُستاد لاءِ هدايت: ٻارن کي هي دُعا سُر ۽ لئہ سان پڙهي ٻُڌائي ۽ پڙهائي.

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **آ ا** | |
| آس | اميد - آسرو |
| آرام گاهه | مقبرو - قبر |
| آڳاٽو | قديم - پراڻو |
| اَجايو | بيڪار - بي سبب |
| اسد الله | الله جو شينهن |
| انجڻ | مشين - ڪَلَ |
| امين | امانت رکڻ وارو |
| اندلٺ | اُڀ ۾ ست رنگي ڪماڻ |
| اِجهو | هتي - هن هنڌ - هيءُ |
| **ب ٻ** | |
| باغيچو | ننڍو باغ |
| بچت | نفعو - فائدو |
| بُزرگ | الله واري درويش |
| بي مثل | جنهن جو ڪو مٽ نه هجي |
| بي مُلهيون | مفت - بنا قيمت |
| ٻاڦ | اُٻ |
| ٻانهو | بندو - غلام |
| ٻيلي | ساٿي - سنگتي |
| **ت ٿ پ** | |
| تَپِت | گرمي - تَپش |
| تَنين | اُنهن |
| ٿڪائي | اوٻاري |
| پٽ جي ڏور | ريشم جو ڌاڳو |
| پرايو | سِکيو - حاصل ڪيو |
| تَراڪڙي | ويڪري - وينل ڪنارن واري ٿالهي |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **ج** | |
| جاڪوڙ | محنت - ڪوشش |
| جام | گهڻو |
| جَماعت | ٽولِي |
| جهَٽ پَٽ | يَڪدم |
| جِهر مِر | ٽِمڪڻ چمڪڻ |
| **ڏ ڊ ر ز** | |
| ڏاجُ | ڪُنوار کي ڏنل سامان |
| ڊولُ | نظارو - تعريف |
| ڍَهندو | ڪِرندو |
| رَحمت | ٻاجهه - مِهر |
| رُڪن | ٿنڀو |
| رِيجهايو | وِندرايو |
| زيان | نقصان |
| **س ش** | |
| سارُ | سَنڀال - يادِ |
| ساراهَ | واکاڻ - تعريف |
| سانوڻ | وَسڪاري جي مُند |
| سُجاڻ | عقل وارو - ڏاهو |
| سَچار | سچ ڳالهائيندڙ |
| سَدا | هَميشه |
| سَرتاج | سردار-رهبر-اڳواڻ |
| سُگهڙ | ڏاهو - سِياڻو |
| سُڳنڌ | خوشبوءِ - سُرهاڻ |
| سَڱُ | رشتو - مائٽي |
| سُوسات | تيز هوا جو آواز |
| سُوکڙيون | تُحفا |
| سُڪار | خوشحالي |
| ساوڪ | ساواڻ -پوک |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| شرط | هوڏ -بازي |
| شُڪر | ٿورو - مهرباني |
| **ص ط** | |
| صادِق | سَچو |
| طاقت | سَگهه |
| طعام | ڪاڌو |
| **ع غ** | |
| عالِم | عِلم وارو |
| عُمدا | قيمتي - اوچا |
| عنايت | مهرباني |
| عِيد | خوشيءَ جو ڏينهن |
| عِيد الفطر | فطري واري عيد |
| عادت | چال چلت - هلت |
| **ڦ ق ڪ** | |
| ڦُندڻ | ٺئونرُ |
| قائِد اعظم | وڏو اڳواڻ |
| قبيلو | ڪُٽنب - بِرادري |
| ڪچهري | ميڙاڪو - ڳالهه ٻولهه |
| ڪوڏيو | شوقين |
| ڪَهل | ٻاجهَ - مهر |
| **گ گهه ل** | |
| گودِ | هنجَ - جهولي |
| گوهِيون | ڦيريُون |
| گهمَ ٻَري | پوسَل وارِي - آلي |
| لولِي | گِيتَ |
| لاتيون | مٺيون ٻوليون |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **م ن و ه** | |
| ماءُ | امڙ |
| مايُوس | نا اُميد |
| ماڳُ | هَنڌ -جاءِ |
| مَٽُ | برابر |
| مِثال | نُمونو |
| مُدام | سدائين |
| مِڙو | گڏ ٿيو |
| مَقبرو | قبو - مزار |
| مِهر | ٻاجهَ - رحم |
| مهندار | اڳواڻ |
| مانُ | عزت - درجو |
| مدد | همراهي -سهارو |
| نانءُ | نالو |
| نِروار | ظاهر |
| نِماڻي | نِوڙت واري |
| نِيارو | جدا - ڌار - نرالو |
| نوڪ | چهنب |
| والد | پيءُ |
| والده | ماءُ |
| واهرُو | مددگار |
| وَسڪارو | مِينهن |
| وَسيلا | ذَريعا |
| وِلايت | پَرڏيهه |
| ويرِي | دُشمن |
| هَمدردي | ڏُک سُک ۾ |
| هَڏ ڏوکِي | پائيوار |
| همت | هَمدرد - گهٽگهرو |